ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94)   اڱارو 14 اپريل 2026ع 25 شوال المڪرم 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه   شمارو (239)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان آمريڪا ايران جنگبندي برقرار رکڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندو: وزيراعظم جو اعلان

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا اجلاس ٿيو، جنهن ۾ ڪابينا ميمبرن کي ايران – آمريڪا ڳالهين ۾ پاڪستان جي ڪوششن کان آگاهه ڪيو ويو

ايران ۽ آمريڪا کي ڳالهين ڪانپوءِ امهون سامهون ويهارڻ جو ڪريڊٽ پاڪستان کي ملي ٿو، اڳيرائي لاءِ پراميد آهيون، ايران ۽ آمريڪا جلد رنڊڪ بڻيل معاملا حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪريون پيا: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف سان جاپان جي وزيراعظم فون تي رابطو ڪيو، اسلام آباد ۾ پاڪستان جي ميزباني ۾ ٿيل آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

وزيراعظم سانائي تاڪائيچي جنگبندي ۽ ڳالهه ٻولهه جي انعقاد ۾ پاڪستان جي سفارتي ڪردار کي ساراهيو، هن امن قائم ڪرڻ جي عمل جي مڪمل حمايت جو اظهار پڻ ڪيو

ٻنهي رهنمائن پاڪستان ۽ جاپان وچ ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو، جاپاني وزيراعظم اهڙي قدم کي ساراهيو، ويجهو رابطو برقرار رکڻ تي اتفاق

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته انساني جانيون بچائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهنداسين. وزيراعظم جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا اجلاس ٿيو جنهن ۾ شهباز شريف ڪابينا ميمبرن کي ايران – آمريڪا ڳالهين ۾ پاڪستان جي ڪوششن کان

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

مهانگائي خلاف احتجاج ڪرڻ تي ڪرڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي: حليم عادل شيخ

سنڌ ۾ فسطائيت جاري آهي ۽ مهانگائي خلاف احتجاج ڪرڻ تي ڏوهه بڻجي ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ان جي گرين پاسپورٽ جي اهميت پوري دنيا تي واضح ٿي وئي آهي: شرجيل ميمڻ

اسلام آباد ڳالهيون عالمي سفارتي سطح تي پاڪستان جي برتري ۽ ڀارت جي ناڪامي کي ظاهر ڪن ٿيون

پاڪستان جي صدر، وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل کي ڪامياب سفارتڪاري تي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا

پيپلز پارٽي جي تاريخ شاهد آهي ته اها هميشه عوام جي بهتر مستقبل لاءِ ڪم ڪندي رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته اسلام آباد ۾ منعقد ٿيل هڪ وڏي تقريب ذريعي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ويساکي هڪ اهم مذهبي ۽ ثقافتي سنگ ميل آهي: صدر آصف زرداري

اها موسم آبادگارن لاءِ خوشي جو سبب آهي، ان ۾ محنت جو ڦل ملندو آهي

سمورين برادرين جي برابر حقن جي تحفظ جي پنهنجي عزم جو ورجاءُ ڪريان ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري خوشين سان ڀريل ڏڻ ويساکي جي موقعي تي پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

آسٽريليا جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هڪ عورت آرمي چيف مقرر

آسٽريلوي حڪومت ليفٽيننٽ جنرل سوزان ڪوئل کي آرمي چيف مقرر ڪري ڇڏيو

ڪينبرا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آسٽريليا

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

چين ۽ برطانيا پاران آبنائي هرمز جي ناڪابندي جي مخالفت، ٽرمپ اهڙو قدم کنيو ته ڪا به بندرگاهه محفوظ نه رهندي: ايران

آمريڪي صدر جي ڌمڪين ڪانپوءِ ايران آبناءِ هرمز تي مڪمل ڪنٽرول لاءِ هڪ مستقل نظام، لاڳو ڪرڻ لڳو سلامتي جي پرڏيهي منظر ڪيو ويندو، بندرگاهن يا بحري رستن کي نشانو بڻايو ويو ته ان جو سخت ردعمل ڏينداسين

نار ملڪن جون بندرگاهون يا ته سڀني لاءِ محفوظ هونديون يا پوءِ ڪنهن لاءِ به نه، عالمي پاڻين ۾ جهازن تي آمريڪي پابنديون غير قانوني آهن ۽ اهو عمل بحري قبضي جهڙو آهي: پاسداران انقلاب

آبناءِ هرمز کليل رکڻ جي حمايت ڪريون ٿا، اهو قدم نه رڳو عالمي معيشت لاءِ ضروري آهي پر برطانيا اندر مهانگائي جي دٻاءُ کي گهٽائڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪندو: برطانيا جو وزيراعظم

آبناءِ هرمز تي ڪنهن به قسم جو ٽول يا فيس لاڳو نه ٿيڻ گهرجي، ان سان عالمي واپار متاثر ٿي سگهي ٿو، لسان فرانس ۽ ٻين پارٽنرن سان آزاد سامونڊي واپار جي تحفظ لاءِ وڏو اتحاد ناهيون پيا: ترجمان

اسلام آباد ڳالهين صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ هلڪاري قدم آهي، اميد ته ٽنهي جنگبندي جي مڪمل پاسداري ڪنديون ۽ چڪتاڻ وڌڻ نه ڏينديون، ايران جي بندرگاهن جي ناڪابندين جي مخالفت ڪريون ٿا: چين

چين توانائي جي تحفظ ۽ فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ڌرين سان سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهي، اهم آبي لنگهن کي محفوظ، مستحڪم ۽ بنا رنڊڪ جاري رکڻ عالمي برادري جي گڏيل مفاد ۾ آهي

تهران/لنڊن/بيجنگ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران جي فوجي ترجمان خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن ايراني بندرگاهن کي ڪنهن به قسم جو خطرو پيش آيو ته خطي جي ڪا به بندرگاهه محفوظ نه رهندي ايراني فوج جي ترجمان طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو ته نار بندرگاهون يا ته سڀني لاءِ محفوظ هونديون يا ته ڪنهن لاءِ به نه. هن چيو ته عالمي پاڻين ۾ جهازن تي آمريڪي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پوليو مهم ملڪ جي مستقبل لاءِ اجتماعي خطري خلاف اعلان جنگ جي برابر آهي: بلاول ڀٽو زرداري

لاپرواهي سبب جنم وٺندڙ پوليو جهڙي بيماري کي رڳو شعور ۽ آگاهي ذريعي ئي ختم ڪري سگهجي ٿو

سخت گرمي ۽ سيڪيورٽي خدشن باوجود خدمتون سرانجام ڏيندڙ فرنٽ لائين ورڪرز حقيقي هيرو آهن

والدين پوليو مهم ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪن ۽ ذميواري سمجهي پنهنجي ٻارن کي قطرا ضرور پيارين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته انسداد پوليو مهم ملڪ جي مستقبل لاءِ هڪ اجتماعي خطري خلاف اعلان جنگ جي برابر آهي. هن پنهنجي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڊفينس ۾ اسڪول جي دوري جي موقعي تي ٻارڙين سان ڳالهائي رهيو آهي

وڏي وزير صوبي ۾ پوليو جي خاتمي واري مهم جو باضابطه افتتاح ڪري ڇڏيو

ايران ۽ آمريڪا اسلام آباد ڳالهين ذريعي پاڪستاني قيادت تي اعتماد جو اظهار ڪيو آهي: مراد علي شاهه

صدر آصف زرداري ملڪي استحڪام ۽ ترقي ڏانهن وٺي وڃڻ ۾ پنهنجو تعميري ڪردار ادا ڪندو رهندو

پوليو جو خاتمو ملڪ جي مستقبل لاءِ ضروري آهي، شهيد راڻي پنهنجي ڏيهه کي قطرا پياري تاريخي مثال قائم ڪيو هو

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبي ۾ پوليو جي خاتمي واري مهم جو باضابطه افتتاح ڪيو جنهن ۾ هن مسلسل حفاظتي ٽيڪن عوامي آگاهي ۽ سمورن سطحن تي گڏيل ڪارروائي ذريعي هن معذور ڪندڙ بيماري جي خاتمي لاءِ حڪومت جي اٽل

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪي اير سي فنڊز ۾ 80 ڪروڙ جي خرد برد ڪيس ۾ ڪامورن خلاف فرد جرم لاڳو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسپيشل جج اينٽي ڪرپشن محمد امين الله صديقي جي عدالت ڪي اير سي فنڊز ۾ مبينا 80 ڪروڙ جي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سجي سنڌ ۾ پوليو ٽيمن جي سيڪيورٽي لاءِ سخت قدم کنيا وڃن: گهرو وزير

سڀني ضلعن جا ايس ايس پيز پاڻ پوليو مهم دوران سيڪيورٽي انتظامن جي سڌي نگراني ڪن

پوليو ورڪرن جي حفاظت لاءِ سمورا وسيلا استعمال ۾ آندا وڃن، ڪوتاهي برداشت نه ڪبي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار چيو آهي ته سڄي صوبي ۾ انسداد پوليو ٽيمن جي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ رهڻ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

صنعتڪارن ۽ واپارين جو اعتماد بحال ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: گورنر

معدني وسيلن، بليو اڪانومي ۽ صنعتي شعبي ۾ موجود موقعن مان فائدو وٺڻ جي اهم ضرورت آهي

سڀني ڌرين جي گڏيل ڪوششن سان معيشت کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر سيد

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

بلوچستان اسيمبلي ۾ هزاره برادري جي شهيدن سميت ٻين لاءِ فاتحه خواني ڪئي وئي

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان اسيمبلي ۾ هزاره برادري جي شهيدن سميت ٻين لاءِ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ٽرمپ ڪان تنگ ٿيو ته جنگ خلاف آواز اٿاريندو رهندس: پوپ ليو

مسئلن جي منصفاڻي حل لاءِ امن ڳالهين ۽ لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ ضروري آهي

عالمي سطح تي امن جي قيام ۽ تڪرارن جي حل لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندس

ويٽيڪن سٽي (مانيٽرنگ ڊيسڪ)

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

پاڪستان وچ اوڀر جي بحران سبب پيدا ٿيل صورتحال کي بهتر انداز ۾ سنڀاليو: ناڻي وزير

آمريڪا ايران جنگ دوران سخت سپلاءِ بحران پيدا ٿيو ۽ نه ئي امن امان جا مسئلا سامهون آيا: محمد اورنگزيب

وچ اوڀر ۾ جاري ٽڪراءُ نازڪ سالن ۾ عالمي معيشت لاءِ سڀ کان وڏو سپلاءِ لوڏو مان هڪ آهي، محتاط ۽ متوازن پاليسي سازي ضروري آهي

مارچ ۾ روشن ڊجيٽل اڪائونٽ تحت رڪارڊ رقم حاصل ٿي، جيڪا پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين جي وڌندڙ اعتماد جي نشاندهي ڪري ٿي

بوسٽن (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته ٻين ملڪن جي ابتڙ پاڪستان وچ اوڀر جي بحران سان پيدا ٿيل صورتحال کي بهتر انداز ۾ سنڀاليو ۽ ان دوران سخت

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم سان چيني سفير جي ملاقات، خطي جي صورتحال تي ڳالهيون

ملاقات ۾ اسلام آباد ڳالهه ٻولهه ڪانپوءِ تازي اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پريس ڪائونسل آف پاڪستان جو وفد چيئرمين محمد ارشد جدون جي قيادت ۾ گورنر نهال هاشمي سان ملاقات ڪري رهيو آهي، اي پي اين ايس جي نمائندگي عبرت گروپ آف پبليڪيشن جي چيئرمين قاضي اسد عابد ۽ فوزيه شاهين ڪئي

خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري پاران ويساکي جي خوشي جي موقعي تي پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ رهندڙ هندو ۽ سک خاندانن کي مبارڪباد

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول بي بي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

عوام 13 اپريل کان شروع ٿيندڙ ملڪ گير پوليو ويڪسي نيشن مهم ۾ ڀرپور تعاون ڪري: خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري چيو آهي ته عوام 13

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

هاڻ سوديبازي نه ٿيندي، فيصلا ايوان ۾ نه پر ميدان ۾ ٿيندا: مولانا فضل الرحمان

پاڪستان ثابت ڪيو آهي ته ان ۾ عالمي مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت آهي، اڄ دنيا جا ملڪ اسان جي سرزمين تي ويٺا آهن

اسان جي ملڪ کي آزادي جي باوجود غلام رکيو ويو، نواز شريف، شهباز شريف ۽ زرداري پنهنجو سر جهڪائي سگهن ٿا

توهان کي عالمي طاقتن جي جبر هيٺ پاڪستان جي عوام تي ڪيرايل مهانگائي جو بم واپس وٺڻو پوندو: جي يو آءِ ف جو سربراهه

مردان (هر د) جمعيت علماءِ اسلام ف جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته پاڪستان ثابت ڪيو آهي ته ان ۾ عالمي مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت آهي، اڄ دنيا جا ملڪ اسان جي سرزمين تي ويٺا

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان حيدرآباد جي سماجي اڳواڻن جو هڪ وفد ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي: اڳوڻو ايم اين اي ۽ عبرت گروپ آف پبليڪيشن جو چيئرمين قاضي اسد عابد گورنر نهال هاشمي سان ملندي

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون رائيگان نه وينديون: وفاقي گهرو وزير

رياست جي رٽ هر صورت برقرار رکي ويندي ۽ عوام جي جان مال جو تحفظ يقيني بڻائڻ اسان جي بنيادي ذميواري آهي: محسن نقوي

شرپسند عنصرن کي ملڪ جو امن تباهه ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، پاڪستان جو مستقبل امن ۽ قانون جي بالادستي سان وابسته آهي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي چيو آهي ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون رائيگان نه وينديون ۽ ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال تي ڪنهن

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پي ايس ايل ميچن جي سيڪيورٽي انتظامن کي وڌيڪ موثر بڻايو وڃي: آءِ جي سنڌ

نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ڪراچي جو دورو ڪري سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو ويو

ڪوئڪ رسپانس فورس ۽ ٽريفڪ مئنيجمينٽ جا انتظام هر وقت فعال ۽ الرٽ رکيا وڃن: هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو نيشنل بئنڪ اسٽيڊيم ڪراچي جو دورو ڪيو پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي عدالت طرفان نوجوان ناري سان زيادتي جي جوابدار کي 10 سال قيد جي سزا

ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار ذيشان عرف شاني کي 10 سال قيد بامشقت جي سزا ٻڌائي وئي

جوابدار متاثر ڇوڪري جي گهر ۾ رهندڙ ڪرائيدار جو پاٽ هو، گهر ۾ اچ وڃ رهندي هئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ڊويزنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج سينٽرل جي عدالت نوجوان ڇوڪري سان جنسي زيادتي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين جيڪب آباد پهچي مير بابل خان جي وفات تي پونئرن سان تعزيت ڪئي

بلاول ڀٽو زرداري جکراڻي هائوس ۾ مير اعجاز حسين جکراڻي ٻين سان تعزيت ڪئي

جيڪب آباد (نـ ر) پي پي پي چيئرمين

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

جيڪب آباد: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري جکراڻي هائوس تي مير اعجاز جکراڻي سان سندس والد جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهيو آهي

آمريڪا ۽ ايران ۾ ڳالهيون پاڪستان جي ڪامياب سفارتڪاري جو ثبوت آهي: شازيه مري

بلاول ڀٽو زرداري اسلام آباد ڳالهين کي هن وقت تائين جي وڏي ڪاميابي قرار ڏنو آهي

جنگ نه، پر ڳالهيون ئي مسئلن جو حل آهن، اسلام آباد دنيا کي رستو ڏيکاريو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي ترجمان شازيه مري چيو آهي ته آمريڪا ۽ ايران جو هڪ ميز تي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فلائي اوور تان ٽپو ڏيندڙ مواليءَ شخص تارن ۾ ڦاسي پيو، وڊيو وائرل

لياقت آباد پوسٽ آفيس فلائي اوور تي هڪ نشي جو عادي پل جي حفاظتي پٽ تان ٽپو ڏنو

ٽريفڪ پوليس آفيسر پاڻ هڪ بس جي ڇت تي چڙهي لٽڪندڙ شخص کي هيٺ لاهي ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) لياقت آباد پوسٽ

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ٻارڙي کي پوليو جا قطرا پياري رهيو آهي

صدر زرداري کي پيٽارو ڪيڊٽ ڪاليج جي ڪم ڪار، ترقياتي منصوبن ۽ ادارتي گهرجن بابت بريفنگ

وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل اجلاس ۾ اسڪالرشپ، سرڪاري امداد ۾ واڌ ۽ چارديواري جي تعمير جو جائزو ورتو ويو

ملازمن لاءِ هائوسنگ اسڪيمون ۽ صحت انشورنس، هڪ ماڊل هاءِ اسڪول جو قيام عمل ۾ آندو ويندو

صدر پاران عالمي معيارن مطابق تعليم ۾ مدد لاءِ بين الاقوامي استادن کي شامل ڪرڻ جي صلاح

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) صدر آصف علي زرداري کي وزيراعليٰ هائوس ڪراچي ۾ منعقد ٿيل هڪ اجلاس دوران ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو جي ڪم ڪار، ترقياتي منصوبن ۽ ادارتي گهرجن بابت تفصيلي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ملير جي نيشنل گرامر اسڪول کي امتحاني مرڪزن جي لسٽ مان خارج ڪيو ويو

امتحاني مرڪزن ۾ نقل ۽ رقم وصولي تي صوبائي وزير اسماعيل راهو نوٽيس ورتو

گريس اڪيڊمي ناڊن آباد جي امتحاني مرڪز بابت به چيئرمين ميٽرڪ بورڊ کان رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امتحاني مرڪزن ۾ نقل ۽ رقم وصولي تي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو جو سخت ايڪشن سنڌ جي وزير براءِ يونيورسٽيز ۽ بورڊز محمد اسماعيل راهو اهم قدم کڻندي نيشنل گرامر اسڪول ملير کي امتحاني مرڪزن جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڄامشورو لڳ خانگي ڪمپني جي روڊ سان گڏ ناهيل پارڪنگ غيرقانوني قرار

درخواست گذار مرحوم محمد عثمان راڄڙ جي درخواست تي عدالت پنهنجو فيصلو ٻڌايو

عدالت پاران هيلون پرائيويٽ لميٽيڊ ڪمپني جي پارڪنگ ايريا کي غيرقانوني قرار ڏئي ڇڏيو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) هيلون پرائيويٽ لميٽيڊ ڪمپني ڄامشورو جي روڊ سان گڏ ناهيل پارڪنگ غيرقانوني نڪتي، عدالت

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ويساکي جو ڏڻ محنت جو ڦل ملڻ تي عاجزي سان ٿورا مڃڻ جو پيغام ڏئي ٿو: وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پنجاب جي روايتي ثقافتي ۽ سک برادري جي مذهبي ڏڻ ويساکي تي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

نوري آباد ويجهو ڪار ۽ ٽرالر ۾ خوفناڪ ٽڪر، 2 ڄڻا فوت، هڪ شخص سخت زخمي

ايم نائن موٽر وي تي حيدرآباد کان ڪراچي ويندڙ ڪار ۽ ٽرالر وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ 30 ورهين جي ظفر پٺاڻ ۽ 27 ورهين جي اسماعيل پٺاڻ فوت ٿي ويا

هڪ شخص ابراهيم سخت زخمي ٿي پيو، کيس فوري طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد ڪراچي منتقل ڪيو ويو

نوري آباد (رپورٽ: شمس پالاري) ايم نائن موٽر وي تي نوري آباد ويجهو حيدرآباد کان ڪراچي ويندڙ ڪار ۽ ٽرالر وچ ۾ پيش ايل خوفناڪ ٽڪر جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته هڪ شخص سخت زخمي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: پاڪستان پيپلز پارٽي جو اڳواڻ ۽ ڪينٽونمينٽ بورڊ جو اڳوڻو مخالف ڌر جو اڳواڻ قاضي اشهد عباسي حيدرآباد جي ميئر ڪاشف شورو سان ملاقات بعد بيٺل آهي

نصيرآباد لڳ سارين جي واپاري کان پنج لک رپيا ڦرڻ، شهرين هٿان ٻه جوابدار سرگها

واپاري نويد علي لوڌرو بئنڪ مان رقم ڪڍرائي وڃي رهيو هو ته جوابدارن کيس يرغمال بڻايو

شهرين پيڇو ڪري ٻه جوابدار سرگها ڪري ورتا، ساٿين سان رقم کڻي فرار ٿي ويو

نصيرآباد (ن ع) نصيرآباد لڳ سارين جي واپاري نويد علي لوڌرو کان بادهه روڊ تي نامعلوم هٿياربندن 5 لک رپيا ڦر ڪري

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي ڊپٽي ڪمشنرن کي ٻن مهينن اندر معذور ڪوٽا تي ڀرتيون ڪرڻ جو حڪم

قانون مطابق سرڪاري نوڪرين ۾ 5 سيڪڙو معذور ڪوٽا مقرر آهي، عدالت عملدرآمد ڪرائي: وڪيل

معذور ڪوٽا تي جيتريون به خالي اساميون آهن، اهي ڀريون وڃن: سنڌ هاءِ ڪورٽ آئيني بينچ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ / آئيني بينچ ڪراچي جي سڀني ضلعن ۾ معذور ڪوٽا تي ڀرتيون نه ڪرڻ خلاف درخواست جي ٻڌڻي عدالت ڪراچي جي ڊپٽي ڪمشنرن کي ٻن مهينن اندر سڀني

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

[redacted]

انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ وڪيلن سان گڏ سٽي ڪورٽ ۾ پيش ٿيو جتي مهانگائي خلاف احتجاج ڪرڻ تي داخل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. هن چيو ته انصاف لائرز فورم جي وڪيلن کي سلام پيش ڪريان ٿو جيڪي ڪارڪنن سان گڏ ڏينهن رات بيٺل آهن. حليم عادل شيخ الزام هنيو ته مهانگائي خلاف احتجاج ڪرڻ تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته عالمگير خان، داوا خان، ايڊووڪيٽ خالد محمود ۽ معراج شاهه کي بين دهشتگردي جي ڪيسن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. حليم عادل شيخ چيو ته سنڌ ۾ فسطائيت جاري آهي ۽ مهانگائي خلاف احتجاج ڪرڻ تي به ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن. هن چيو ته ملڪ ۾ هي ظلم وارو نظام وڌيڪ نه هلندو. حليم عادل شيخ وڌيڪ چيو ته عمران خان قوم جو عظيم ليڊر آهي، جنهن کي علاج جون سهولتون فراهم نه پيون ڪيون وڃن. هن مطالبو ڪيو ته عمران خان کي آزاد ڪيو وڃي ۽ بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن.

[redacted]

پابنديون غير قانوني آهن ۽ اهو عمل بحري قبضي جهڙو آهي. آمريڪي ڊمڪين ڪانيءَ ايران آبناءِ هرمز تي مڪمل ڪنٽرول لاءِ هڪ مستقل نظام لاڳو ڪري رهيو آهي جنهن تحت ساموندي ٻيڙين کي منظر ڪيو ويندو سندس چوڻ هو ته ايران پنهنجي قومي مفادن جي تحفظ لاءِ هر ممڪن قدم کڻندو ۽ جيڪڏهن ان جي بندرگاهن يا بحري رستن کي نشانو بڻايو ويو ته ان جا اثر سڄي خطي تي پوندا. ٻئي طرف برطانوي ميڊيا جو چوڻ آهي ته برطانيا آمريڪي صدر طرفان آبناءِ هرمز جي ناڪابندي ۾ شامل نه ٿيندو هڪ بيان ۾ برطانوي حڪومت جي ترجمان چيو ته آبناءِ هرمز کليل رکڻ جي حمايت ڪيون ٿا، اهو قدم نه رڳو عالمي معيشت لاءِ ضروري آهي پر برطانيا اندر مهانگائي جي دٻاءُ کي گهٽائڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪندو ترجمان چيو ته آبناءِ هرمز تي ڪنهن به قسم جو ٽول يا فيس لاڳو نه ٿيڻ گهرجي، ڇو ته ان سان عالمي واپار متاثر ٿي سگهي ٿو اسان فرانس ۽ ٻين پارٽنرن سان آزاد ساموندي واپار جي تحفظ لاءِ وڌو اتحاد ڏاهڻ تي ڪم ڪري رهيا آهيون. چين آبناءِ هرمز جي ناڪابندي بابت آمريڪي صدر جي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته ڌريون صبر کان ڪم وٺن چيني پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب اسلام آباد ڳالهيون صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ هاڪاري قدم آهي اميد ته ڌريون جنگبندي جي مڪمل پاسداري ڪنديون ۽ چڪتاءُ وڌڻ نه ڏينديون. ترجمان چيو ته چين توانائي جي تحفظ ۽ فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ڌرين سان سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهي. اهم آبي لنگهن کي محفوظ، مستحڪم ۽ بنا رنڊڪ جاري رکڻ عالمي برادري جي گڏيل مفاد ۾ آهي. موجوده حالتن ۾ صبر ۽ ذميوارائي روپو ضروري آهي ته جيئن خطي ۾ امن برقرار رکي سگهجي.

[redacted]

عزم جو ورجاءُ ڪيو. ڊفينس جي گورنمينٽ بوائز سيڪنڊري اسڪول خيابان شجاعت ۾ مهم جو آغاز ڪندي وڏي وزير پنهنجي هٿن سان ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ ۽ بعد ۾ ڪلاسن جو دورو ڪيو جتي هن پنجن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کي پڻ پوليو جا ڦڙا پياريا. تقريب ۾ تعليم واري وزير سردار شاهه، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، آئي جي سنڌ جاويد عالم اوڍو، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن زاهد عباسي، ايڊيشنل آئي جي ڪراچي آزاد خان، سيڪريٽري صحت طاهر سانگي، انچارج اي او سي شهريار گل، پوليس جي اعليٰ آفيسرن ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ست ڏينهن هلندڙ هي مهم جيڪا 13 کان 19 اپريل تائين جاري رهندي ان جو مقصد سڄي سنڌ ۾ پنجن سالن کان گهٽ عمر جي 10.6 ملين کان وڌيڪ ٻارن کي ويڪسين پيارڻ آهي. ان کان علاوه قوت مدافعت وڌائڻ ۽ مجموعي صحت جي نتيجن کي بهتر بڻائڻ لاءِ تقريبن 9.4 ملين ٻارن کي وٽامن اي جا سپليمينٽس پڻ ڏنا ويندا. هن قدم جي وسعت تي روشني وجهندي وڏي وزير چيو ته 83000 کان وڌيڪ تربيت يافته فرنٽ لائن ورڪرز گهر گهر وڃي ان ڳالهه کي يقيني بڻائيندا ته ڪو به ٻار ويڪسين کان محروم نه رهي. ٽيمن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ 24000 کان وڌيڪ سيڪيورٽي اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن جن ۾ 2400 کان وڌيڪ عورت پوليس آفيسر شامل آهن جن کي پوليو ورڪرز جي مدد ۽ تحفظ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. مراد علي شاهه چيو ته اهي جامع اپاءَ اسان جي ٻارن ۽ فرنٽ لائن ورڪ فورس ٻنهي جي حفاظت لاءِ اسان جي مضبوط عزم جي عڪاسي ڪن ٿا. هن والدين تي زور ڀريو ته هو ويڪسينيشن ٽيمن سان مڪمل تعاون ڪن ۽ پنجن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن تائين پهچ کي يقيني بڻائين. وڏي وزير چيو ته پاڪستان ۽ افغانستان اڃا تائين صرف ٻه ملڪ آهن جتي پوليو برقرار آهي. هن وائرس جي خاتمي لاءِ مسلسل قومي ڪوشش جي ضرورت تي زور ڏنو. هن ٻڌايو ته پاڪستان ۾ 2024 ۾ پوليو جا 74 ڪيس ۽ گذريل سال 31 ڪيس رپورٽ ٿيا هئا جڏهن ته سنڌ ۾ 2025 ۾ پوليو جا نو ڪيس رڪارڊ ڪيا ويا، جنهن ۾ ماحولياتي نمونن جا لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو ٽيسٽ وائرس لاءِ مثبت آيا. هن وڌيڪ چيو ته حوصلي واري ڳالهه اها آهي ته 2026 ۾ نمايان اڳڀرائي ٿي آهي. ماحولياتي مثبت شرح گهٽجي 24 سيڪڙو رهجي وئي آهي ۽ هيتائين ضلع سجاول مان صرف هڪ ڪيس رپورٽ ٿيو آهي. هن چيو ته اسان متاثر ٻار جي ويجهي کان نگراني ڪري رهيا آهيون ۽ شڪر آهي ته ڪا به معذوري ناهي ٿي هن وڌيڪ چيو ته حڪومت مڪمل صحتيابي کي يقيني بڻائڻ ۽ وڌيڪ پکڙجڻ کي روڪڻ لاءِ پرعزم آهي. مراد علي شاهه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ٻارن ۾ قوت مدافعت پيدا ڪرڻ ۽ وائرس کي مستقل طور تي ختم ڪرڻ لاءِ بار بار ويڪسينيشن مهم ضروري آهي. هن ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته پوليو ويڪسين محفوظ، اثرائتي ۽ عالمي صحت جي اداري (WHO) کان تصديق ٿيل آهي. معاشري جي مختلف طبقن کي اپيل ڪندي وڏي وزير والدين، اسڪول انتظاميه، ميڊيا، مذهبي عالمن ۽ سول سوسائٽي تي مهم جي حمايت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو زور ڀريو هن ميڊيا تي زور ڏنو ته اها آگاهي کي هٿي ڏئي ۽ غلط معلومات جو مقابلو ڪري جڏهن ته مذهبي ۽ ڪميونٽي اڳواڻن کي ويڪسينيشن جي وڪالت ڪرڻ جي ترغيب ڏني. هن پوليو ورڪرز ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن جي خدمتن جو پڻ اعتراف ڪيو. مشڪل حالتن ۽ ڏورانهن ۽ وڌيڪ خطرناڪ علائقن تائين پهچڻ ۾ سندن جذبي جي تعريف ڪئي. مسلسل قومي ڪوشش جو حوالو ڏيندي وڏي وزير پوليو جي خاتمي لاءِ خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري جي تعاون کي ساراهيو ۽ ياد ڏياريو ته بينظير ڀٽو گذريل مهمن دوران پنهنجي ڌيءَ کي پوليو جا ڦڙا پياري هڪ تاريخي مثال قائم ڪيو هو. پنهنجي خطاب جي پڇاڙي تي مراد علي شاهه ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪيو ته پوليو جو خاتمو ملڪ جي مستقبل لاءِ تمام ضروري آهي ۽ هن ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ گڏيل ڪارروائي جي اپيل ڪئي ته هر ٻار زندگي بچائيندڙ ويڪسين حاصل ڪري، جنهن سان پوليو کان پاڪ پاڪستان جي راهه هموار ٿئي. ميڊيا ٽاڪ: افتتاحي تقريب ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وسيع قومي ۽ بين الاقوامي اڳڀرائي تي روشني وڌي جنهن اثرائتي حڪمراني ۽ سفارتڪاري جي عوامي ڀلائي جي قدمن جهڙوڪ پوليو جي خاتمي واري مهم سان جوڙيو هن ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته صدر آصف علي زرداري ملڪ کي استحڪام ۽ ترقي جي طرف وٺي وڃڻ ۾ پنهنجو تعميري ڪردار ادا ڪندو رهندو هن چيو ته صدر، وزيراعظم ۽ دفاعي قيادت پاڪستان جي بهتري لاءِ هڪجهڙائي سان ڪم ڪري رهيا آهن. تازي سفارتي رابطن جو حوالو ڏيندي وڏي وزير چيو ته ايران ۽ آمريڪا ٻنهي اسلام آباد سان رابطي ذريعي پاڪستان جي قيادت تي اعتماد جو اظهار ڪيو آهي. هن چيو ته اهي قوتون جيڪي ڪڏهن ڳالهائڻ لاءِ تيار نه هيون هاڻي ميز تي اچي ويون آهن - هي پاڪستان جي سفارتڪاري جي ڪاميابي جي عڪاسي ڪري ٿي. هن وڌيڪ چيو ته سفارتڪاري هڪ مسلسل عمل آهي ۽ ان جا مثبت نتيجا وقت سان گڏ وڌيڪ نظر ايندا. بلاول ڀٽو زرداري جي ڪوششن جي تعريف ڪندي مراد علي شاهه چيو ته ڪو به سرڪاري عهدو نه هجڻ جي باوجود هو سفارتي ۽ عوامي محاذن تي مڪمل طور تي سرگرم رهيو هن مذاڪرات ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ جو ڪريڊٽ بلاول ڀٽو زرداري کي ڏنو هڪ سوال جي جواب ۾ وڏي وزير چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو ترقياتي قدمن خاص طور تي ليارڪي ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺي رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ هدايت تي چيف سيڪريٽري کي ٽاسڪ ڏنو ويو آهي ته هو نيسپاڪ سان ملي علائقي لاءِ هڪ جامع ترقياتي منصوبو تيار ڪري. وڏي وزير سياسي تنقيد جو جواب پڻ ڏنو هن چيو ته اپوزيشن جو ردعمل اڪثر حڪومت جي ڪم جي اثر کي ظاهر ڪندو آهي هن چيو ته جيڪڏهن اسان خراب ڪارڪردگي ڏيکاريون ها ته اسان جا مخالف مطمئن هجن ها. سندن تنقيد ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿي ته بامعنيٰ ڪم ٿي رهيو آهي. مشڪل وقت ۾ قومي اتحاد کي اجاگر ڪندي هن انڪشاف ڪيو ته صدر آصف علي زرداري علائقائي چڪتاءُ جي تناظر ۾ ايوان صدر ۾ هڪ اهم اجلاس طلب ڪيو هو جنهن ۾ سمورن صوبن جي وڏن وزيرن کي گڏ ڪيو ويو هو هن نوٽ ڪيو ته خيبرپختونخوا جي وڏي وزير پڻ شرڪت ڪئي جيڪو ان کان اڳ اهڙن اجلاسن ۾ شريڪ نه ٿيو هو - هن شموليت جو ڪريڊٽ بلاول ڀٽو زرداري جي ڪوششن کي ڏنو. حڪمراني جي مسئلن تي مراد علي شاهه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته شهري جو قومي سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪرڻ جائز ناهي هن ان کي هڪ بنيادي حق قرار ڏنو جنهن جو تحفظ ضروري آهي. پوليو جي خاتمي طرف موٽندي وڏي وزير پنهنجي ذاتي عزم جو ورجاءُ ڪيو ۽ چيو ته هن مسلسل پوليو مهمن جو افتتاح پاڻ ڪيو آهي. هن ياد ڏياريو ته 2017-18 دوران پاڪستان پوليو جا ٿوري ڪيس حاصل ڪيا هئا پر بعد جي سالن ۾ رفتار سست ٿي وئي هئي. هن چيو ته تڏهن به سنڌ حڪومت توجهه جي ڪوٽ بابت وفاقي سطح تي تحفظات اٿاريا هئا. هن معاشري جي تمام طبقن تي زور ڀريو ته هو پوليو جي خاتمي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ملڪ جي صحت مند مستقبل کي محفوظ بڻائڻ لاءِ گڏيل ڪوششون ضروري آهن.

[redacted]

خرد برد، جعلسازي، اختيارن جو ناجائز استعمال ڪرڻ بابت ڪي ايم سي جي ڪامورن خلاف ٻڌڻي عدالت ڪي ايم سي آفيسرن خلاف فرد جرم لاڳو ڪري ڇڏيو جوابدارن پاران ڏوهه مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو عدالت ڪي ايم سي جي اڳوڻو ڊي جي ٽيڪنيڪل سروسز ڪي ايم سي شبيح الحسنين، ڪي ايم سي جي اڳوڻو ڊائريڪٽر پارڪس/ڊي ايم سي اوير ميمبر ڊي ٽي ٿي توقير عباس، ڪي ايم سي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر فنانس، پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ/اڪائونٽس سينٽرل نازش رضا، سپرنٽينڊنٽ انجنئر ڪي ايم سي سينٽرل، صمد جلباڻي ۽ ڪي ايم سي سان واسطو رکندڙ ٻيا جوابدار شامل آهن عدالت ۾ درخواستگذار ضياء السلام چيو ته ڪي ايم سي جي فنڊن مان مبينا طور شهيد ملت روڊ، ميوه شاهه قبرستان روڊ، سي پي اولڳ ممتاز روڊ ۽ ٻين علائقن جي ترقياتي منصوبن ۾ مبينا طور 80 ڪروڙ کان وڌيڪ خرد برد ڪئي آهي عدالت سيني جوابدارن کي 19 مئي تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو جاچ آفيسر عدالت ۾ بيان ڏنو ته جوابدارن جعلي ٽينڊر جاري ڪيا، سيپرا رولز جي خلاف ورزي ڪئي پي سي-ون ۽ آفر ريٽ ۾ غيرقانوني ترميمون ڪيون ۽ اختيارات جو ناجائز استعمال ڪندي من پسند ٺيڪيدارن کي وڌيڪ ريٽ تي ٺيڪا ڏنا جاچ آفيسر چيو ته مبينا عملن جوابدارن روڊن جي مرمت ۽ تعميراتي منصوبن ۾ وڏو مالي نقصان رسائيندي فنڊن ۾ وڏي پيماني تي خورد برد ڪئي وئي ۽ اختيارن جو ناجائز استعمال ڪيو، جوابدارن سيپرا رولز جي خلاف ورزي ڪئي، ٽينڊر کان بغير من پسند ماڻهن کي ٺيڪا ڏنا.

[redacted]

سيلاءِ بحران پيدا ٿيو ۽ نه ئي امن امان جا مسئلا سامهون آيا، پاڪستان آئينده

پرڏيهي ادائگيون وقت سر ادا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو هن اها ڳالهه هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ "پاڪستان جي معاشي ايجنڊا- استحڪام سڌارن ۽ اڳتي وڌڻ جي رستي" جي موضوع تي هڪ اعليٰ سطح جي ڳالهين ۾ چئي اها ويهڪ پاڪستان ڪانفرنس 2026ع جي سلسلي ۾ رٿي وئي ويهڪ جا انتظام اسٽيٽ بئنڪ جي اڳوڻي گورنر ڊاڪٽر رضا باقر ڪيا جڏهن ته معاشيات جي نالي وارن ماهرن پروفيسر عاطف ميان (پرنسٽن يونيورسٽي) نوبل انعام رکندڙ پروفيسر ڊيرون ايسيم اوغلو (ايم آءِ ٽي) پڻ پينل ۾ شامل هئا ڳالهين ۾ ماهرن پاليسي سازن ۽ پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين پاڪستان جي معاشي صورتحال، سڌارن بابت ترجيحن ۽ ڊگهي مُدي واري ترقيءَ جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي پنهنجي خطاب ۾ ناڻي واري وزير چيو ته وچ اوڀر ۾ جاري تڪرار تازن سالن ۾ عالمي معيشت لاءِ سڀ کان وڏن سيلاءِ لوڏن مان هڪ آهي جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ محتاط ۽ متوازن پاليسي سازي ضروري آهي. هن ٻڌايو ته گذريل ڪجهه هفتن ۾ حڪومت جي فوري ترجيح اها رهي ته محدود ذخيرن باوجود اهم شعبن کي توانائيءَ جي لڳاتار فراهمي يقيني بڻائي وڃي، جنهن لاءِ مختلف وزارتن ۽ ادارن گڏيل ڪوششون ڪيون هن چيو ته شروعات ۾ حڪومت عوام کي وڌندڙ توانائي جي قيمتن کان بچائڻ لاءِ عمومي سبسڊي ڏني، جنهن کان پوءِ مالي گنجائش موجب هدفي سبسڊي ۽ مڪمل قيمتن جي منتقليءَ جي پاليسيءَ ۾ تبديلي ڪئي وئي ناڻي واري وزير زور ڀريو ته پاڪستان ان صورتحال کي ڪيترن ئي ملڪن جي ڀيٽ ۾ بهتر انداز ۾ سنڀاليو ۽ نه ئي ڪا سخت سيلاءِ بحران ٿيو ۽ نه ئي امن امان جا مسئلا سامهون آيا. پرڏيهي ماليات صورتحال تي ڳالهائيندي سينيٽر محمد اورنگزيب قرضن جي اثرائتي انتظامن تي روشني وجهندي چيو ته تازو ئي يورو بانڊ جي ادائيگي هڪ معمول جو معاملو ثابت ٿي هن اعتماد ظاهر ڪيو ته پاڪستان آئينده پرڏيهي ادائگين کي به وقت سر ادا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. ناڻي واري وزير بحران دوران پيدا ٿيل موقعن جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ته ڪراچي بندرگاهه تي ٽرانزٽ واپار ۾ نمايان واڌ ٿي آهي جيڪا ڪجهه هفتن ۾ 2025ع جي پوري سال جي گنجائش کان مٿي چڙهي وئي. جڏهن ته گوادر بندرگاهه کي مڪمل طور تي فعال بنائڻ طرف اڳڀرائي جاري آهي. هن ٻڌايو ته مارچ ۾ روشن ڊجيٽل اڪائونٽ تحت رڪارڊ رقم حاصل ٿي جيڪا پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين جي وڌندڙ اعتماد جي نشاندهي ڪري ٿي. گڏوگڏ هن واضح ڪيو ته جيوٽيڪ ناٽي واڌ اهم آهي پر اها ڊگهي مُدي واري ترقيءَ جو مستقل حل نٿي بڻجي سگهي. ان لاءِ روانگي واپار تي ٻڌل ترقي ۽ خدمتن جي شعبي ۾ واپار کي هٿي ڏيڻ ئي وڌيڪ پائيدار رستو آهي. هن چيو ته پاڪستان کي سڌارن جو "ڇا" ۽ "ڇو" جي ته هميشه ڄاڻ رهي آهي پر اصل مسئلو "ڪيئن" جو آهي. يعني وقت سر فيصلا ڪرڻ ۽ ان تي عملدرآمد يقيني بڻائڻ. هن چيو ته ڏکين پر ضروري فيصلن ۾ دير ماضيءَ ۾ ترقيءَ کي متاثر ڪيو ۽ ملڪ کي بار بار آءِ ايم ايف پروگرامز طرف وڃڻو پيو. ناڻي واري وزير ڍانچي جاتي سڌارن جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو ته حڪومت ٽيڪس نظام کي بهتر بنائڻ، ٽيڪس ڏيندڙن جو انگ وڌائڻ ۽ ٽيڪس ٽو جي ڊي پي شرح ۾ واڌ ڪرڻ تي ڪم ڪري رهي آهي. هن ان سلسلي ۾ ايف بي آر ۾ جاري سڌارن جو ذڪر ڪيو جن ۾ ڊجيٽلائيزيشن، پائيپرو نظام ۾ ڊيٽا تي ٻڌل طريقيڪار شامل آهي ته جيئن انساني مداخلت گهٽ ٿئي ۽ ڪارڪردگي بهتر ٿئي. هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته صنعت لاءِ لڳاتار سبسڊي ڏيڻ بدران چاپيتي ۽ روانگي واپار تي ٻڌل ترقيءَ کي هٿي ڏيڻ ضروري آهي ان سلسلي ۾ هن تازو ئي واپاري سڌارن خاص ڪري ٽيرف ۾ گهٽتائيءَ کي عالمي مارڪيٽ تائين بهتر لاڳو ڪرڻ لاءِ اهم قرار ڏنو ناڻي واري وزير پاڪستان ۾ تجديد جوڳي توانائي جي وڌندڙ استعمال جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ته شمسي توانائي جي پيداوار اٽڪل 8 هزار ميگاواٽ تائين پهچي چڪي آهي جنهن تازو ئي عالمي لوڏن دوران معيشت کي سهارو ڏنو هن آئينده ڏهاڪن ۾ تجديد جوڳي توانائي جي حصي ۾ نمايان واڌ ڪرڻ جي عزم کي ظاهر ڪيو هن وڌيڪ ٻڌايو ته اهم سڌارن وارن قدمن ۾ چئني صوبائي اسيمبلين مان زرعي آمدني ٽيڪس جو قانون منظور ٿيڻ ۽ سرڪاري ادارن کي نجڪاري ۽ نئين سر تنظيم شامل آهن جن تحت 28 سرڪاري ادارن کي نجڪاري ڪميشن جي حوالي ڪيو ويو آهي ته جيئن مالي بار گهٽ ٿئي ۽ حڪمراني بهتر ٿئي. اينڊ چئلينجز تي ڳالهائيندي ناڻي واري وزير تيزيءَ سان وڌندڙ آباديءَ ۽ موسمياتي تبديلي کي به وڏا مسئلا قرار ڏيندي چيو ته پائيدار معاشي ترقي ان وقت تائين ممڪن ناهي جيستائين تيزيءَ سان وڌندڙ آباديءَ تي ضابطو نه آندو وڃي ۽ موسمياتي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ مضبوط حڪمت عملي اختيار نه ڪئي وڃي هن تسليم ڪيو ته ريگيوليٽري سڌارن ۽ ڪاروبار ڪرڻ ۾ آسانيءَ جهڙن شعبن ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ اها حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي. ڳالهيون عالمي ماهرن ۽ لاڳاپيل حلقن سان رابطن جو هڪ اهم موقعو ثابت ٿيون جيڪو پاڪستان جي معاشي مستقبل جي حوالي سان شفافيت، سڌارن ۽ هاڪاري ڳالهين جي عزم جي عڪاسي ڪري ٿو

[redacted]

قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو سماجي رابطي جي ويب سائيٽ "ايڪس" تي جاري پنهنجي هڪ بيان ۾ گهرو وزير قوم جي جانثارن کي سلام پيش ڪندي چيو ته پاڪستان جي ترقي ۽ استحڪام حڪومت جي اولين ترجيح آهي هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته رياست جي رٽ هر صورت برقرار رکي ويندي ۽ عوام جي جان مال جو تحفظ يقيني بڻائڻ اسان جي بنيادي ذميواري آهي محسن نقوي چيو ته شرپسند عنصرن کي ملڪ جو امن تباهه ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. پاڪستان جو مستقبل صرف ۽ صرف امن ۽ قانون جي بالادستي سان وابسته آهي.

[redacted]

جي اهتمام هيٺ جاري پي ايس ايل 2026 جي ميچن جي حوالي سان سيڪيورٽي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ڊي آءِ جي سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي سروسز پاران پي ايس ايل دوران اختيار ڪيل مجموعي سيڪيورٽي حڪمت عملي ۽ لائحه عمل تي جامع بريفنگ ڏني وئي پي سي بي جي نمائندن آءِ جي سنڌ کي پي ايس ايل جي انتظامن ۽ سيڪيورٽي تي اطمينان جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ايس ايس پي ايسٽ، ڪمانڊنٽ ايس ايس يو، ايس ايس پي گلشن ۽ پوليس جا ٻيا عملدار پڻ موجود هئا آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سيڪيورٽي ڊيوٽي تي مقرر آفيسرن ۽ اهلڪارن جي ڪارڪردگي کي ساراهيو هن هدايت ڪئي ته اسٽيڊيم جي داخلي ۽ خارجي رستن، پارڪنگ ايرياز ۽ ڀرپاسي علائقن جي سخت نگراني هر صورت ۾ يقيني بڻائي وڃي آءِ جي سنڌ چيو ته جديد نگراني نظام سرويلنس ڪيمرائن ۽ سرچنگ جي عمل کي وڌيڪ موثر بڻايو وڃي. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته ڪوئڪ رسپانس فورس ۽ ٽريفڪ مينيجمينٽ جا انتظام هر سطح تي هر وقت فعال ۽ الرٽ رکيا وڃن آءِ جي سنڌ زور ڏنو ته وڏن ايونٽن جي پُرامن انعقاد لاءِ سمورن ادارن وچ ۾ گڏيل رابطي کي يقيني بڻائڻ انتهائي ضروري آهي.

[redacted]

بلاول ڀٽو زرداري جيڪب آباد جي جکراڻي هائوس تي پهچي پي پي پي ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي ۽ مير خالد خان جکراڻي سان سندن والد ۽ ايم پي اي مير ممتاز حسين جکراڻي سان چاچي اڳوڻي ايم اين اي مرحوم مير بابل خان جکراڻي جي وفات تي تعزيت ۽ ڏک جو اظهار ڪيو ان موقعي تي هن سان گڏ اڳوڻو وزير اعظم راجا پرويز اشرف، ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو، سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه ايم پي اي جميل سومرو، صوبائي وزير سعيد غني، ايم پي اي شير محمد مغيري ۽ ٻيا پڻ گڏ هئا پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري مرحوم مير بابل خان جکراڻي جي روحڙي تي وارثن سان ڏک جو اظهار ڪندي مرحوم جي سياسي ۽ عوامي خدمتن تي کيس خراج عقيدت پيش ڪئي. ٻئي پاسي پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي آمد جي موقعي تي جيڪب آباد ۾ سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا. جکراڻي هائوس ڏانهن ايندڙ ويندڙ روڊ رستن تي ڪنڊيدار تارون وڇائي مڪمل طور سيل ڪيو ويو ته جيئن ڪنهن به قسم جو اڻٽنڊڙ واقعو پيش نه اچي سگهي. سخت سيڪيورٽي هيٺ پي پي پي چيئرمين کي جکراڻي هائوس پهچايو ويو جتي تعزيت کان پوءِ کيس مانجهاندو ڏنو ويو جنهن بعد پي پي پي چيئرمين پنهنجي ڪيمپ سان روانو ٿي ويو.

[redacted]

ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار ذيشان عرف شائي کي 10 سال قيد بامشقت جي سزا ٻڌائي، چڏي عدالت جوابدار تي هڪ لک رپيا ڏنڊ لاڳو ڪندي اها رقم متاثر ڇوڪري کي ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو پراسيڪيوشن موجب جوابدار متاثر ڇوڪري جي گهر ۾ رهندڙ ڪرائيدار جو ڀاءُ هو جنهن سبب سندس گهر ۾ اچ وڃ رهندي هئي. سال 2024 ۾ جوابدار ڇوڪري کي زبردستي پنهنجي ڀاءُ جي گهر وٺي وڃي زيادتي ڪئي هئي. ڪيس داخل ٿيڻ بعد جوابدار جي وڏي ڀاءُ کيس پوليس اسٽيشن ۾ پيش ڪري گرفتار ڪرايو جوابدار خلاف ٿاڻو رضويه ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو هو.

[redacted]

ويهڻ پاڪستان جي ڪامياب سفارتڪاري جو واضح ثبوت آهي اسلام آباد ٽاڪز بابت پنهنجي بيان ۾ شازيه مري چيو ته پاڪستان هڪ ڀيرو ٻيهر امن لاءِ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ اسلام آباد ۾ ٿيل ڳالهيون اهم اڳڀرائي آهن هن وڌيڪ چيو ته بلاول ڀٽو زرداري اسلام آباد ڳالهين کي هن وقت تائين جي وڏي ڪاميابي قرار ڏنو آهي جڏهن ته بلاول ڀٽو موجب رڳو ڳالهين جو ٿيڻ به وڏي اڳڀرائي آهي. شازيه مري چيو ته جنگ نه پر ڳالهيون ئي مسئلن جو حل آهن ۽ اسلام آباد دنيا کي رستو ڏيکاريو آهي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري موجب دنيا وٽ ڪو "پلان بي" ناهي، امن کي ئي ڪامياب ٿيڻو پوندو هن چيو ته چڪتاءُ ۾ عارضي گهٽتائي باوجود امن جي اميد برقرار آهي. جڏهن ته سيزفائر ۽ بمباري ۾ گهٽتائي کي مثبت اشارو قرار ڏنو ويو آهي معاهدو نه ٿيڻ باوجود اڳڀرائي ٿي آهي ۽ روين ۾ نرمي خوش آئند آهي ترجمان پيپلز پارٽي موجب پاڪستان هر سطح تي امن لاءِ ڪوششون جاري رکندو جڏهن ته عالمي برادري کي به ڳالهين جي عمل جي حمايت ڪرڻ گهرجي پس پرده رابطا جاري آهن ۽ ڳالهين جا دروازا بند ناهن ٿيا شازيه مري وڌيڪ چيو ته اسلام آباد امن ۽ مڪالمي جو اهم مرڪز بڻجي سامهون آيو آهي ۽ تڪرار ڪنهن جي به فائدي ۾ ناهن هوندا، ڇو ته اهي زندگين ۽ روزگار کي تباهه ڪن ٿا. اميد آهي ته اهي ڪوششون علائقي ۾ پائيدار استحڪام جو سبب بڻجنديون

[redacted]

آفيس فلائي اوور تي هڪ نشي جو عادي پل جي حفاظتي پٽ تان ٽپو ڏئي ٽارن سان لٽڪي ويو ٽريفڪ پوليس آفيسر پاڻ بس جي ڇت تي چڙهي ويو ۽ مهارت سان لٽڪندڙ شخص کي محفوظ طور تي هيٺ لاٿو جڏهن ته واقعي جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي تفصيل موجب، لياقت آباد پوسٽ آفيس فلائي اوور تي هڪ نشي جو عادي پل جي حفاظتي پٽ تان ٽپو ڏئي پاڻ کي ڦاسي ڏني واقعي جي وائرل ٿيندڙ وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته ڪريڪ ٻاهران ٽارن سان خطرناڪ طريقي سان لٽڪي رهيو هو فلائي اوور هيٺان ٽريفڪ رهي رهي هئي ساڳئي وقت، ٽريفڪ پوليس آفيسر ٽريفڪ جي عادي کي لٽڪندي ڏٺو ۽ فلائي اوور هيٺان گذرندڙ مسافر بس کي روڪيو ٽريفڪ پوليس آفيسر بس کي ان ئي جاءِ تي روڪيو جتي اهو شخص لٽڪي رهيو هو ٽريفڪ پوليس آفيسر پاڻ بس جي ڇت تي چڙهي ويو ۽ مهارت سان لٽڪندڙ شخص کي محفوظ طور تي هيٺ لاٿو

[redacted]

بريفنگ ڏني وئي بريفنگ ۾ اڳوڻي بورڊ آف گورنرز جي اجلاس ۾ ڪيل فيصلن تي ڪيل اڳڀرائي تي ڌيان ڏنو ويو ۽ اداري جي مسلسل ترقي لاءِ اهم ترجيحن کي بيان ڪيو ويو ان سان گڏ تعليمي پهچائڻ کي جديد بڻائڻ ۽ ان جي دائري کي وڌائڻ جي تجويزون پڻ شامل هيون صدر کي پينشن جي بقايا لاءِ مالي مدد جي فراهمي، 1.2 ميگاواٽ سولر پاور پلانٽ جي تنصيب، اي آر پي سسٽم جي قيام ۽ تعليمي ۽ رهائشي سهولتن جي اپ گريڊيشن جنهن ۾ آئي سي ٽي انفراسٽرڪچر ۽ ڪيڊٽس جي ميس انتظام شامل آهن جي حوالي سان پيش رفت بابت بريفنگ ڏني وئي انڊومينٽ فنڊ ذريعي اسڪالرشپ سان لاڳاپيل قدمن سرڪاري گرانٽ ۾ امداد ۾ واڌ ۽ قبضي کي روڪڻ لاءِ چارديواري جي تعمير جو پڻ جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ اداري جي ڊگهي مدت جي استحڪام کي يقيني بڻائڻ لاءِ قدمن تي پڻ غور ڪيو ويو جنهن ۾ ملازمن لاءِ هائوسنگ اسڪيمون ۽ صحت جي انشورنس، انهي سان گڏ ڪاليج سان لاڳاپيل هڪ ماڊل هاءِ اسڪول جو قيام شامل آهي صدر کي ٻڌايو ويو ته 50 سيڪڙو شاگرد سنڌ صوبي سان تعلق رکن ٿا جڏهن ته باقي 50 سيڪڙو ملڪ جي ٻين حصن مان اچن ٿا موقعي تي ڳالهائيندي صدر چيو ته تعليم جي فراهمي کي ڊجيٽل پليٽ فارمن ڏانهن وڌڻ گهرجي ڪلاس رومز ۾ ڪمپيوٽرن سان هن زور ڏنو ته نصاب کي بين الاقوامي معيارن سان هم آهنگ ڪيو وڃي ۽ ڪاليج کي هڪ مشهور بين الاقوامي اداري سان الحاق حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏني هن زراعت کي هڪ مضمون جي طور تي متعارف ڪرائڻ جي اهميت تي پڻ زور ڏنو ۽ عالمي معيارن جي مطابق تعليم فراهم ڪرڻ ۾ مدد لاءِ بين الاقوامي استادن کي شامل ڪرڻ جي صلاح ڏني صدر هدايت ڪئي ته ڪاليج جي معمول جي ميٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جي بدران ايڊوانسڊ ايچ ايس سي ۽ ايڊوانسڊ ايس ايس سي ڏانهن وڌڻ جي جانچ لاءِ هڪ ڪميٽي ناهي سگهجي ٿي هن ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو کي پنهنجي دل جي ويجهو هڪ ادارو قرار ڏنو ۽ ملڪ ۾ ان جي ڪردار جو اعتراف ڪيو هن چيو ته ڪاليج عوامي خدمت، هٿياربند فوج ۽ سول انتظاميا سميت مختلف شعبن ۾ اڳواڻ پيدا ڪيا آهن ۽ نوجوان شاگردن جي ڪردار جي ترتيب ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هن اهو پڻ نوٽ ڪيو ته ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو سنڌ علمي درسگاهه آهي. اداري سان سندس ذاتي وابستگي کي ياد ڪندي صدر زور ڏنو ته اداري کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ سان نظم و ضبط، سالميت ۽ ذميواري جي قدرن سان ليس سلي نموني جا فرد پيدا ڪرڻ ۾ مدد ملندي هن سماجي- اقتصادي ترقي جي بنياد جي طور تي معياري تعليم جي اهميت تي زور ڏنو ۽ ميرٽ ۽ ڪردار جي تعمير تي مسلسل ڌيان ڏيڻ تي زور ڏنو مربوط ڪوششن جي ضرورت کي اجاگر ڪندي، صدر سڀني اسٽيڪ هولڊرز کي تجويز ڪيل قدمن جي بروقت منظوري ۽ عمل درآمد لاءِ مڪمل مدد ڏيڻ لاءِ چيو هن مسلسل سپورٽ ڪاري ۽ اجتماعي عزم جي اهميت کي ورجايو ته جيئن اهو يقيني بڻائي سگهجي ته ادارو هڪ بهترين مرڪز طور ڪم ڪندو رهي. اجلاس ۾ سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ سنڌ، محترمه فريال ٽالپر ايم پي اي ۽ صدر وومين ونگ پي پي پي، ڊاڪٽر عاصمه حسين، چانسلر ضياءُ الدين يونيورسٽي، سيد ناصر حسين شاهه، صوبائي وزير توانائي ملڪ اسد سڪندر ميمبر قومي اسيمبلي ڊاڪٽر سڪندر علي شورو ميمبر صوبائي اسيمبلي، چيف سيڪريٽري سنڌ، ڪموڊور فيصل اقبال قاضي، پرنسپل ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو، سيڪريٽري فنانس، سيڪريٽري ڪاليج ايجوڪيشن، ڊپٽي ڪمشنر جامشورو ۽ ٻيا اعليٰ عملدار.

[redacted]

۾ درخواست گذار مرحوم محمد عثمان راڄڙ جي درخواست تي اينٽي انڪروچمينٽ ٽربيونل ثبوتن ۽ اينٽي انڪروچمينٽ فورس جي رپورٽ جي آڌار تي ڄاڻايل ڪمپني جي پارڪنگ ايريا کي غيرقانوني قرار ڏئي درخواست گذار جي حق ۾ ڊگري فيصلو ڏنو هو جنهن بعد هيلون ڪمپني انتظاميه فيصلي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد ۾ اپيل داخل ڪئي جتي درخواست گذار مرحوم محمد عثمان راڄڙ جي پٽ عرفان علي راڄڙ پنهنجي وڪيل جي معرفت پيش ٿي عدالت سڳوري کي هيلون ڪمپني جي غيرقانوني پارڪنگ خلاف سمورا ثبوت پيش ڪيا جڏهن ته مختيارڪار ڪوٽڙي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر جي رپورٽ موجب هيلون ڪمپني جي روينيو رڪارڊ ۾ ڪا به داخلا رکيل نه هجڻ جو انڪشاف پڻ ڪيو ويو آهي ٻئي طرف ڪائون ڪميٽي جي رپورٽ مطابق پڻ ڪمپني جي پارڪنگ کي غيرقانوني ڄاڻايو ويو آهي.جتي عدالت سڳوري ڪمپني انتظاميه کان گهربل ڪاغذات طلب ڪيا جيڪي انتظاميه وٽ موجود نه هئا جنهن تي عدالت سڳوري سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي انتظاميه کي گهربل ثبوت ۽ ڪاغذات پيش ڪرڻ لاءِ آخري تاريخ ڏني ۽ سندن وڪيل کي پڻ تياري مڪمل ڪري اچڻ جي تنبيه ڪئي.

[redacted]

فهرست مان خارج ڪري ڇڏيو آهي.صوبائي وزير گريس اڪيڊمي قائد آباد جي امتحاني مرڪز بابت ۾ چيئرمين ميٽرڪ بورڊ کان 24 ڪلاڪن اندر رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي نيشنل گرامر اسڪول جي جاءِ تي "گورنمينٽ بوائز سيڪنڊري اسڪول، خلدآباد" (سينٽر نمبر 235 A) کي نئون امتحاني مرڪز مقرر ڪيو ويو آهي. صوبائي وزير موجب اسڪول انتظاميا خلاف ڪارروائي لاءِ تعليم کاتي کي به باقاعدي خط لکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. محمد اسماعيل راهو چيو آهي ته امتحاني شفافيت تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو ۽ ملوث ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

[redacted]

پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ رهندڙ سک برادري ۽ ان ڏينهن ملهائيندڙن کي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته هي ڏڻ محنت جو ڦل ملڻ تي عاجزي سان ٿورا مڃڻ جو پيغام ڏي ٿو آڳاٽي ڏينهن ويساکي جي مناسبت سان پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته روايتي ۽ ثقافتي سطح تي آبادگار جي سخت محنت ڪانيءَ فصل جي لاباري جي لاءِ تيار ٿيڻ جي خوشي ۾ سڄي پنجاب ۾ سک برادري ويساکي جي ميلن جو اهتمام ڪري ٿي هن چيو ته هي ڏڻ انسانيت جي مثبت رخ ۽ محنت جي صبر ڪرڻ وارن مرحلن ڪانيءَ ثمر دلي خوشي جو اظهار آهي هي محنت جو ڦل ملڻ تي عاجزي سان ٿورا مڃڻ جو پيغام ڏي ٿو وزيراعظم چيو ته سڄي دنيا مان سک ياتري پاڪستان جي گرڏواره پنجه صاحب (حسن ابدال) جنم استان (ننڪانا صاحب) ۾ ويساکي جي تقريبن ۾ شرڪت جي لاءِ اچن ٿا ويساکي جي ڏينهن ۾ مذهبي جاين تي سک ياترين جي هر ممڪن سهولت لاءِ قدم کنيا وڃن ٿا وزيراعظم چيو ته مثبت ۽ گهڻ رخن ثقافتي رنگن سان ٿي معاشرتي واڌ ويجهه ۽ زندهه دل معاشري جو بنياد آهن گڏيل ثمرن کي خوشدلي سان ملهائڻ ٿي سماجي اتحاد کي مضبوط ڪرڻ جو سبب آهي هن چيو ته مختلف مذهبن جي مذهبي ڏڻن کي احترام جي نگاهه سان ڏسڻ بين المذاهب هم آهنگي جي فروغ جو سبب آهي وزيراعظم چيو ته اسلامي تعليم ۽ پاڪستان جو آئين بنا ڪنهن رنگ ۽ مذهب جي فرق جي سمورن شهرين جي برابر حقن جي تحفظ ۽ مذهبي آزادي جا ضامن آهن اقليتي برادرين جي بنيادي انساني مذهبي ۽ شهري حقن جو تحفظ رياست جي ذميوارين ۾ شامل آهي هن چيو ته اچو اڄ خوشي جي ڏينهن عالمي امن ۽ استحڪام ۽ انسانيت جي ڀلائي لاءِ پڻ خصوصي دعا ڪيون توهان سڀني کي ويساکي جون خوشيون مبارڪ هجن

[redacted]

ٿي پيو ريسڪيو ذريعن موجب حادثي ۾ فوت ٿيلن جي سڃاڻپ 30 ورهين جي ظفر پٺاڻ ۽ 27 ورهين جي اسماعيل پٺاڻ طور ٿي آهي جيڪي حيدرآباد پٺاڻ ڪالوني جا رهواسي هئا حادثي ۾ ابراهيم نالي همراهه سخت زخمي ٿيو جنهن کي فوري طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي منتقل ڪيو ويو اطلاع ملڻ تي ريسڪيو 1122 نوري آباد جي ٽيم بروقت واقعي واري هنڌ تي پهچي امدادي ڪارروايون شروع ڪيون جتي فوت ٿيلن جا لاش ڪيڏي حيدرآباد منتقل ڪيا ويا

[redacted]

ورتا. واپاري بئنڪ مان رقم ڪيرائي پنهنجي دڪان ڏانهن وڃي رهيو هو ته جوابدارن کيس يرغمال بڻايو واقعي بعد شهرين پاران پيڇو ڪرڻ تي ٻه جوابدار سوگها ڪيا ويا، جن ۾ پوليس موبائل جو ڊرائيور نياز ڪلهوڙو ۽ سندس هڪ ٻيو ساٿي ڪلهوڙو شامل آهن جڏهن ته ٽيون جوابدار رقم کڻي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو واقعي خلاف شهري اتحاد اڳواڻ ڪامريڊ سينگار نوناري، معشوق ڍليوڪي خدا بخش سانگهڙو عاشق ڪلهوڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شهرين پاران ٿاڻي اڳيان ڌرڻو هنيو ويو جن جو مطالبو هو ته ڦر ٿيل رقم واپس ڪرائي وڃي ٻئي طرف الزام هيٺ آيل پوليس ڊرائيور نياز ڪلهوڙي صحافين آڏو پنهنجي صفائي پيش ڪندي چيو ته مان بيمار آهيان ۽ شهر مان دوا وٺي واپس وڃي رهيو هيس رستي ۾ اسان جي اسڪوٽر جو واپاريءَ سان رڳو ٽڪر ٿيو هو ۽ منهن ماري ٿي جنهن کي ڦر جو رنگ ڏئي اسان تي ڪوڙو الزام لڳايو پيو وڃي معاملي جي شفاف جاچ ڪئي وڃي شهرين ۽ واپاري تنظيمن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته نصيرآباد ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻايو وڃي ۽ واقعن جي اٿڏري جاچ ڪري رقم واپس ڪرائي وڃي.

[redacted]

اسامين تي ڀرتيون ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو معذور ڪوٽا تي جيتريون به خالي اسامين آهن اهي ڀريون وڃن. عدالت ٻه رکني آئيني بينچ درخواستون اڪلائي ڇڏيون ڪراچي ۾ سرڪاري کاتن ۾ ڪي هزار کان وڌيڪ اسامين خالي آهن، وڪيل درخواستگذار منصور چيو ته پڙهيل لکيل معذور ماڻهن کي سرڪاري نوڪريون نه ڏنيون پيون وڃن. درخواستگذار قانون موجب سرڪاري نوڪرين ۾ 5 سيڪڙو معذور ڪوٽا مقرر آهي. عدالت معذور ڪوٽا تي عملدرآمد ڪرائي.

[redacted]

آهن ۽ دنيا لاءِ امن چاهين ٿا. اسان جي ملڪ کي آزادي جي باوجود غلام رکيو ويو نواز شريف، شهباز شريف ۽ زرداري اتي پنهنجو سر جهڪائي سگهن ٿا، پر جمعيت علماءِ اسلام پنهنجو سر نه جهڪائي سگهي ٿي، هاڻي فيصلا ايوان ۾ نه پر ميدان ۾ ٿيندا. مردان ۾ هڪ عوامي جلسي کي خطاب ڪندي هن چيو ته پاڪستان 25 ڪروڙ مسلمانن جو وطن آهي ۽ ان جي عالمي اهميت آهي. مان ملڪ کي پوري اسلامي دنيا جي اڳواڻي ڪندي ڏسڻ چاهيان ٿو. توهان کي عالمي طاقتن جي جبر هيٺ پاڪستان جي عوام تي ڪيرايل مهانگائي جو بم واپس وٺڻو پوندو تحريڪ مردان کان شروع ٿي آهي توهان کي اهي فيصلا واپس وٺڻا پوندا. مولانا فضل الرحمان چيو ته قرآن ۽ سنت جي خلاف قانون سازي ڪئي وئي توهان کي پنهنجو رستو تبديل ڪرڻو پوندو. پاڪستان هن کان اڳ به ورهائجي چڪو آهي اڄ ساڳيو ڪردار ادا ڪندي توهان به پاڪستان جي ورهاست جا ذميوار هوندا هن وڌيڪ چيو ته اسرائيل هڪ ناجائز رياست آهي ان جو خاتمو مسلم امت جي خواهش آهي عرب سرزمين تي اسرائيل جي وجود کي تسليم نٿا ڪريون

[redacted]

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان پاڪستان ۾ چين جي سفير جيانگ زائيڊونگ ملاقات ڪئي ڪالهه سومر ڏينهن پرڏيهي وزارت پاران جاري بيان موجب ملاقات ۾ اسلام آباد ڳالهه ڪانيءَ تازي اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري جي حمايت جاري رکڻ جي پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو پاڪستان ۾ چين جي سفير جيانگ زائيڊونگ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ سڌوسنئون ڳالهه ٻولهه ۾ سهولتڪاري جي حوالي سان پاڪستان جي اهم ڪردار کي ساراهيو ٻنهي ڌرين پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ مضبوط اسٽريٽجڪ تعاون تي ٻڌل حصيداري جو پڻ ورجاءُ ڪيو

[redacted]

ڪيٿولڪ عيسائين جي مذهبي پيشوا پوپ ليو آمريڪي صدر جي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته تنقيد باوجود جنگ خلاف آواز اٿاريندو رهندس پنهنجي بيان ۾ پوپ ليو چيو ته مان ڪنهن بحث ۾ نٿو پوڻ چاهيان پر جنگ خلاف واضح ڳالهائيندو رهندس، مسئلن جي منصفاڻي حل لاءِ امن ڳالهين ۽ ملڪن ۾ گهڻ رخن لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ ضروري آهي هن چيو ته سڄي دنيا ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهو تڪليف ۾ آهن ۽ بي ڏوهه مارجي پيا وڃن، تنهن ڪري ضروري اهو آهي ته ڪو اٿي چئي ته مسئلن جو بهتر حل به ممڪن آهي. پوپ ليو ان عزم جو اظهار ڪيو ته عالمي سطح تي امن جي قيام ۽ تڪرارن جي حل لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندس

[redacted]

آڳاهه ڪيو وزيراعظم چيو ته ايران ۽ آمريڪا کي ڍاڪن ڪانيءَ آمهون سامهون ويهارڻ جو سهرو پاڪستان کي وڃي ٿو ڳالهين ۾ اڳڀرائي لاءِ پراميد آهيون ايران ۽ آمريڪا جا رنديل معاملا حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون وفاقي ڪابينا ايران – آمريڪا ڳالهين لاءِ وزيراعظم جي ڪوشش کي ساراهيو جڏهن ته نائب وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جي ڪردار جي به واکاڻ ڪئي وئي. ٻئي طرف وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته پاڪستان جنگبندي کي برقرار رکڻ جي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندو اها ڳالهه هن جاپان جي وزيراعظم سانائي تاڪائيچي سان ڳالهائيندي ڪئي جنهن ڪالهه سومر ڏينهن وزيراعظم محمد شهباز شريف کي ٽيليفون ڪئي ۽ ساڻس اسلام آباد ۾ پاڪستان جي ميزباني ۾ ٿيندڙ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم سانائي تاڪائيچي جنگبندي ۽ ڳالهه ٻولهه جي انعقاد ۾ پاڪستان جي سفارتي ڪردار کي ساراهيو هن امن قائم ڪرڻ جي عمل جي مڪمل حمايت جو اظهار ڪيو ۽ ان کي علائقائي استحڪام ۽ عالمي توانائي سلامتي جي لاءِ اهم قرار ڏنو وزيراعظم جاپاني هم منصب جي نيڪ خواهشن تي سندس ٿورا ادا ڪندي چيو ته هو آمريڪا ۽ ايران جي وفدن جي اسلام آباد ۾ ٿيندڙ تفصيلي ڳالهه ٻولهه تي ٿورائتو آهي

[redacted]

پاڪستان ۽ ان جي گرين پاسپورٽ جي اهميت پوري دنيا تي واضح ٿي وئي آهي هن پاڪستان جي صدر وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل کي مبارڪباد پيش ڪندي چيو ته اها ڪاميابي عالمي سفارتي سطح تي پاڪستان جي برتري ۽ ڀارت جي ناڪامي کي ظاهر ڪري ٿي جڏهن ته ڀارت ان صورتحال تي سخت ردعمل جو شڪار آهي هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان دنيا جي واحد اسلامي ايٽمي طاقت آهي ۽ "معرڪه حق" ذريعي به ملڪ کي ڪاميابي حاصل ٿي آهي جنهن ڪري ڀارتي ميڊيا پريشاني جو شڪار آهي ڊائريڪٽوريٽ آف سوشل اينڊ اليڪٽرانڪ ميڊيا ڪراچي ۾ اهم پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته صدر آصف علي زرداري جي صدارت هيٺ هڪ اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ چئني صوبن جي وڏن وزيرن شرڪت ڪئي سندس چوڻ هو ته پيپلز پارٽي جي تاريخ ان ڳالهه جي عڪاسي ڪري ٿي ته اها هميشه عوام جي بهتر مستقبل لاءِ ڪم ڪندي آئي آهي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) ذريعي اهم ريليف ڏنا ويا آهن، جنهن جي بنياد تي وڏي پيماني تي هائوسنگ منصوبو شروع ڪيو پيو وڃي، جنهن تحت 21 لک خاندانن کي گهر فراهم ڪيا پيا وڃن ان کان علاوه سنڌ حڪومت "بينظير هاري ڪارڊ" پڻ متعارف ڪرايو آهي جڏهن ته بي آءِ ايس پي وٽ غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ ماڻهن جي مڪمل ڊيٽا موجود آهي هن چيو ته مختلف سببن جي ڪري ڪڻڪ جي پوک گهٽجي رهي هئي، تنهن ڪري سنڌ حڪومت ڪڻڪ جي پوک لاءِ آبادگارن کي ڊي اي پي ۽ يوريا جون ٻوريون فراهم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ته جيئن انهن جي حوصلا افزائي ٿي سگهي برساتن کان متاثر ٿيندڙ ڪڻڪ جي فصل لاءِ آبادگارن کي دوائون پڻ ڏنيون ويون ۽ هن سال ڪڻڪ جي پيداوار کي بمپر فصل قرار ڏنو ويو آهي بمپر فصل جي نتيجي ۾ اڄ اسان وٽ ڪڻڪ وافر مقدار ۾ آهي ۽ هن وقت ڪڻڪ جي فصل جي ڪٽائي شروع ٿي چڪي آهي تنهن ڪري سنڌ حڪومت ڪن لک کان وڌيڪ ننڍن آبادگارن کي في ايڪڙ 1500 رپيا فراهم ڪيا آهن سنڌ واحد حڪومت آهي جنهن آبادگارن کي پئسا ڏنا آهن ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ سنڌ حڪومت سرڪاري ۽ خانگي ٽرانسپورٽ ٻنهي ۾ مسافرن کي سبسڊي پڻ ڏئي رهي آهي ته جيئن ڀاڙا نه وڌن ۽ عوام کي ڪنهن به قسم جي پريشاني کي منهن نه ڏيڻو پوي سنڌ ۾ 6.5 ملين ماڻهو موٽرسائيڪل هلائين ٿا، سنڌ حڪومت موٽرسائيڪل سوارن کي في ماڻهو 2,000 رپيا ڏيڻ به شروع ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ بئنڪ ذريعي ماڻهن کي پئسا ورهايا پيا وڃن. ڊيٽا اڃا تائين اچي رهيو آهي ۽ ماڻهو ڊيٽا جمع ڪرائي رهيا آهن درخواست ڏيڻ جو طريقو اخبارن ۾ شايع ڪيو ويندو انجنيئر چيو ته ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ شهر جي اندر ۽ شهر جي اندر گاڏين کي به سبسڊي ڏني پئي وڃي، گلابي اسڪوٽين جي فراهمي ڪراچي کان شروع ڪئي وئي آهي سڄي سنڌ ۾ ڇوڪرين لاءِ تربيت شروع ڪئي وئي آهي، سکر ۽ حيدرآباد ۾ ڇوڪرين اسڪوٽين جي سواري جي تربيت مڪمل ڪئي آهي ۽ انهن لائسنس پڻ ورهايا آهن سکر ۽ حيدرآباد ۾ جلد گلابي اسڪوٽين جي ورڇ شروع ٿيڻ واري آهي. شڪارپور کان سکر خيرپور حيدرآباد تائين پيپلز بس سروس جا نوان روٽ پڻ جلد شروع ٿيڻ وارا آهن ته جيئن ماڻهن کي وڌ کان وڌ سهولت ملي سگهي هن چيو ته سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت جي بهترين ترجيح سڀني شعبن جي ترجيح ڏيڻ ۽ انهن جي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ آهي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري جا واضح حڪم آهن ته هر شعبي ۾ ماڻهن کي رليف فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ صحت جي شعبي ۾ وڏيون ڪاميابيون حاصل ٿي رهيون آهن. صحت بابت ڳالهائيندي هن چيو ته پوليو هڪ خطرناڪ بيماري آهي جنهن کان بچاءُ صرف وقت سر ويڪسينيشن ذريعي ئي ممڪن آهي تنهن ڪري هڪ ڀرپور آگاهي مهم شروع ڪئي وئي آهي هن عوام تي زور ڀريو ته هو هن مهم کي گهرن کان ٻاهر ڪڍي سوشل ميڊيا، دوستن ۽ مائٽن تائين به پهچائين ته جيئن هر ٻار محفوظ رهي سگهي هن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومتن هميشه عوامي صحت جي منصوبن کي ترجيح ڏني آهي ۽ پوليو جي خاتمي لاءِ ڪيل قدمن کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو پيو وڃي

[redacted]

رهندڙ هندو ۽ سک برادري کي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته ويساکي هڪ اهم مذهبي ۽ ثقافتي سنگ ميل آهي جيڪو چيٽ جي فصل جي لاباري جي شروعات جي علامت آهي اها موسم آبادگارن جي لاءِ تمام گهڻي خوشي جو سبب آهي ڇو ته اهي پنهنجي محنت جو ڦل حاصل ڪن ٿا ڪالهه سومر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب ويساکي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ صدر چيو ته هي موقعو ٿورا مڃڻ غور ۽ فڪر ۽ ايمان، اتحاد ۽ انسانيت جي خدمت جهڙي پائيدار قدرن جي تجديد جو پڻ پيغام ڏئي ٿو صدر چيو ته پاڪستان جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ويساکي کي پاڙيسرين ۽ مقامي برادرين پاران پڻ احترام سان ملهايو وڃي ٿو جيڪو گڏيل احترام تي ٻڌل گڏيل سماجي فضا جو عڪاس آهي.

[redacted]

پنهنجي فوج جي 125 سالن جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هڪ عورت کي آرمي چيف مقرر ڪري ڇڏيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب آسٽريليا جي حڪومت دفاعي قيادت ۾ تبديلي ڪندي ليفٽيننٽ جنرل سوزان ڪوئل کي آرمي چيف مقرر ڪيو آهي. جنرل سوزان ڪوئل هلندڙ سال جولاءِ ۾ ليفٽيننٽ جنرل سائمن اسٽيورٽ جي جاءِ تي پنهنجون ذميواريون سنڀاليندي ليفٽيننٽ جنرل سوزان ڪوئل جو فوجي ڪيريئر 40 سالن تي ٻڌل آهي جنهن دوران هن افغانستان آپريشن ۽ وچ اوڀر ۾ مقرري سميت ڪيترن ئي اعليٰ عهدن تي خدمتون انجام ڏنيون پرڏيهي ميڊيا موجب جنرل سوزان جي مقرري آسٽريلين آرمي ۾ عورت آفيسرن جو انگ وڌائڻ ڏانهن هڪ اهم قدم آهي جتي عورت اهلڪارن کي هراسان ڪرڻ جا واقعا به سامهون ايندا رهندا آهن ياد رهي ته هن وقت آسٽريليا جي دفاعي فورسز ۾ عورت اهلڪارن جو انگ 21 سيڪڙو آهي جڏهن ته اعليٰ عهدن تي خدمتون انجام ڏيندڙ عورت آفيسرن جو انگ 18.5 سيڪڙو آهي آسٽريلين دفاعي فورسز 2030 تائين فورسز ۾ عورتن جي مجموعي شموليت جو هدف 25 سيڪڙو مقرر ڪيو آهي

[redacted]

بيان ۾ چيو ته پاڪستان ۾ پوليو جي مڪمل خاتمي لاءِ مهم جو آغاز هڪ صحتمند مستقبل ڏانهن اهم قدم آهي پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو ته لاپرواهي سبب جنم وٺندڙ پوليو جهڙي بيماري کي رڳو شعور ۽ آگاهي ذريعي ئي ختم ڪري سگهجي ٿو هن چيو ته سخت گرمي ۽ سيڪيورٽي خدشن باوجود خدمتون سرانجام ڏيندڙ پوليو مهم جا فرنٽ لائين ورڪرز اسان جا حقيقي هيرو آهن پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري والدين کي اپيل ڪندي چيو ته هو انسداد پوليو مهم ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ۽ ذميواري سمجهي پنهنجي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا ضرور پيارين

[redacted]

سيڪيورٽي کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ سخت قدم کنيا وڃن هن سڀني ضلعن جي ايس ايس پيز کي هدايت ڪئي ته هو پاڻ پوليو مهم دوران سيڪيورٽي انتظامن جي سڌي نگراني ڪن هن چيو ته پوليو ٽيمن کي فول پروف سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا لاپرواهي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي گهرو وزير وڌيڪ چيو ته پوليو ورڪرن جي حفاظت لاءِ سمورا وسيلا استعمال ۾ آندا وڃن ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ سان گڏ پوليو ٽيمن جي سيڪيورٽي کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي

[redacted]

محمد نهال هاشمي سان فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (FPCCI) جي وفد صدر عاطف حسين شيخ جي اڳواڻي ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران صنعت ۽ واپار جي واڌ ويجهه معاشي ترقي ۾ صنعتڪارن ۽ واپارين جي ڪردار سميت اهم معاملن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون

[redacted]

ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ رهندي جڏهن ته ٻنپهرن دوران وچولي/ ڏکڻ علائقن ۾ موسم گرم رهڻ جو امڪان آهي موسميات کاتي مطابق گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ رهي جڏهن ته ڏکڻ علائقن ۾ موسم گرم رهي. گذريل ڏينهن رڪارڊ ڪيل وڌ کان وڌ گرمي پد ملي شهيد بينظير آباد ۾ 44، دادو ۾ ڪندو جام ۾ 42 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو

[redacted]

فاتحه خواني ڪئي وئي سومر ڏينهن بلوچستان اسيمبلي جي اجلاس ۾ هزاره برادري تعلق رکندڙ ماڻهن جي شهادت، خالد ساسولي حاجي هاشم مردانزئي ۽ سرياب روڊ تي قتل ٿيل هڪ شخص لاءِ فاتحه خواني ڪئي وئي

[redacted]

آصفه ڀٽو زرداري ويساکي جي خوشي جي موقعي تي پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ رهندڙ هندو ۽ سک خاندانن کي دلي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته ويساکي جو ڏڻ هڪ خاص اهميت رکندڙ آهي هي زمين جي فياضي ۽ انهن رشتن جو جشن آهي جيڪي خاندانن ۽ برادرين کي پاڻ ۾ ڳنڍي رکن ٿا هي ان فصل تي شڪر ادا ڪرڻ جو وقت آهي جيڪا زندگي کي سهارو ڏي ٿي ۽ ان محنت ۽ لڳاءُ کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جو موقعو آهي جيڪو ان کي ممڪن بڻائي ٿو ڪالهه سومر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب ويساکي جي موقعي تي خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري پنهنجي پيغام ۾ چيو ته اڄوڪي خاص طور تي اسان جي ڳوٺاڻي علائقن جي عورتن بابت سوچان ٿي اهي مائرون ڌيئرون ۽ ڀينرون جيڪي بي شمار ذميواريون پنهنجي ڪلهن تي کنيل آهن ڊگهي ۽ ڏکي موسم ۾ اهي ٻنين ۽ گهرن جي وچ ۾ مسلسل مصروف رهن ٿيون ۽ ٻنهي کي بنا ڪنهن وقفي جي سنڀالين ٿيون انهن جي طاقت ۽ ذميواري غيرمعمولي هوندي آهي

[redacted]

اپريل کان شروع ٿيندڙ ملڪ گير پوليو ويڪسي نيشن مهم ۾ ڀرپور تعاون ڪري ڪالهه سومر ڏينهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي هڪ پيغام ۾ خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري سڄي پاڪستان جي خاندانن ۽ برادرين کي اپيل ڪئي ته اهي 13 اپريل کان شروع ٿيندڙ ملڪ گير پوليو ويڪسي نيشن مهم ۾ ڀرپور تعاون ڪن ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائين ته هر ٻار ان بيماري کان محفوظ رهي

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-SYS-60-3865-318775625-2026	SAP ERP OPERATION SUPPORT SERVICES	29.04.2026 AT 1000 HRS

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **20.01.2026, 19.02.2026, 12.03.2026** and **28.03.2026,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-EXPL-315723553-2026	GEOLOGICAL FIELD WORK FOR TANISHPA AND LUGAI E.Ls	28.04.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-RM-308636654-2026	HIRING OF FIELD SUPPORT RESOURCES FOR DRILLING OPERATIONS	28.04.2026 AT 1030 HRS

AMENDMENT NOTICE

3. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **28.03.2026,** please find below necessary amendments:

SR #	DESCRIPTION	FOR	READ
1.	HIRING OF SERVICES OF PC CONTRACTOR FOR SINJHORO-II FIELD DEVELOPMENT PROJECT	REVISED TENDER ENQUIRY NO.	
		OGDC-SCM-FC-CB-PROJ-SINJ-II-PC-317303901-2026	OGDC-SCM-FC-CB-PROJ-SINJ-II-PC-318467013-2026
		REVISED CLOSING DATE / TIME	
		28.04.2026 AT 1100 HOURS	14.05.2026 AT 1100 HOURS

4. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
5. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
6. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
7. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
8. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com
No. 160/57

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

PERSEVERANCE COMMANDS SUCCESS

ایچی سن کالج، لاہور

گریڈ ششم (جماعت K-6)

100% کے لیے وظائف (سکالرشپ) برائے اقامتی طلبا (بورڈنگ ہاؤس)

اگست 2026 سے شروع ہونے والے تعلیمی سال میں (صوبہ سندھ/خیبر پختون خوا/بلوچستان/آزاد کشمیر/گلگت) جماعت ششم میں سکالرشپ کی بنیاد پر داخلے کے لیے درخواستیں مطلوب ہیں۔

شرائط داخلہ:-

1. درخواست دہندگان کا اپنے متعلقہ صوبے کا رہائشی ہونا اور وہیں زیر تعلیم ہونا ضروری ہے۔
2. درخواست دہندگان کی تاریخ پیدائش یکم جون 2015 سے 31 مئی 2016 کے درمیان ہونا چاہیے۔
3. داخلے کے لیے امتحان کوئٹہ/ حیدرآباد/پشاور/مظفرآباد/گلگت شہر میں مئی 2026 میں منعقد ہوگا۔

رجسٹریشن کی آخری تاریخ 30 اپریل 2026 ہے۔

نوٹ: درخواست فارم اور دوسری ضروری معلومات کے لیے داخلہ دفتر (ایڈمیشن آفس) سے ان فون نمبر پر رابطہ کیجیے۔

Ext: 216 - 217 | +92 (42) 36363063 | Email: admission@aitchison.edu.pk

درخواست فارم کالج کی ویب سائٹ www.aitchison.edu.pk سے بھی ڈاؤن لوڈ ہو سکتا ہے۔

داخلہ صرف میرٹ اور مالی ضروریات کی تصدیق پر ہی ہوگا۔

پرنسپل

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

جنگ ۽ امن جي وچ ۾ دنيا جو نازڪ موڙ
صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر
لڪي ايراني سرڪس ۽ موجوده حالتون
صفحو 4

آمريڪا-ايران ڳالهيون ناڪام: هاڻ ڇا ٿيندو؟
يار محمد سومرو
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن- 14 اپريل
صفحو 4

مسوپرڳڙي لڳ قديمي ڳوٺ غلام حيدر جويو اڄ به جديد دور جي سهولتن کان محروم

ڳوٺ غلام حيدر جويو جا هزارين رهواسي جديد ٽيڪنالاجي جي دور ۾ صديون پراڻي طرز جي زندگي گذارڻ تي مجبور

ڳوٺ ۾ ڪا به سرڪاري اسپتال يا ڊسپينسري موجود ناهي، بيمارين جي حالت ۾ 15 کان 20 ڪلوميٽر سفر ڪرڻ پوي ٿو

سوئي گيس، واٽر سپلائي، ڊرينيج سسٽم، اسٽريٽ لائيٽس ۽ سي سي بلاڪ جو وجود ئي ناهي، چونڊيل نمائندن به ڌيان نه ڏنو

مسوپرڳڙي (ن ع) مسوپرڳڙي لڳ قديمي ڳوٺ غلام حيدر جويو اڄ به جديد دور جي سهولتن کان محروم بڻيل هن ڳوٺ جا هزارين رهواسي صدين جي پراڻي طرز زندگي گذاري رهيا آهن جتي نه صحت جون سهولتون آهن، نه تعليم لاءِ مناسب ادارا ۽ نه ئي بنيادي انفراسٽرڪچر جو ڪو سڌارو ڪيو ويو آهي. ڳوٺ ۾ ڪا به سرڪاري اسپتال يا ڊسپينسري موجود ناهي رهواسي بيمارين جي حالت ۾ 15 کان 20 ڪلوميٽر پري متعياري يا پرائيويٽ جي شهرن جو رخ ڪرڻ تي مجبور آهن جيڪو ايمرجنسي حالتن ۾ جان جو خطرو بڻيل آهي. ڳوٺ ۾ ٻارڙن لاءِ نه پرائمري اسڪول جي سهولت موجود آهي نه سيڪنڊري اسڪول جو ڪو انتظام آهي جنهن سبب ٻارڙيون تعليم حاصل ڪرڻ کان محروم آهن...

پارڪ موجود ناهي جنهن سبب نوجوان نسل لاءِ صحتمند مشغلا نه هجڻ برابر آهن ان جو اثر سندن ذهني، سماجي ۽ فني واڌاري تي پئجي رهيو آهي. مقامي رهواسين جو چوڻ آهي ته معياري جي چونڊيل بلدياتي ۽ پارلياماني نمائندن سالن کان سندن ڪو به مسئلو حل نه ڪيو آهي چونڊن وقت وڏا واعدا ڪيا وڃن ٿا، پر چونڊون کٽڻ کانپوءِ عوام کي وساريو ڇڏيو وڃي ٿو هن صورتحال خلاف ڳوٺاڻن احتجاج ڪندي...

ميرپورخاص جي نجي يونيورسٽي ۽ ڪاليج اندر هراسمينٽ بعد نياڻي جي آپگهات وارو معاملو

آپگهات ڪندڙ شاگرديائي واري معاملي جي جاچ لاءِ پي ايم ڊي سي جي ٽيم يونيورسٽي پهتي، احتجاج

چاٽايل يونيورسٽي مهانگيون فيون وٺڻ باوجود شاگرديائين جو تحفظ ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي: وسيم لغاري

يونيورسٽي اندر هراسمينٽ جو هي ٻيون واقعو آهي، ان ڪري هن يونيورسٽي جي سڌاري تائين سنڌس لمس سان ايفليئيشن ختم ڪئي وڃي

حيدرآباد مان گهاري زال سوڊو ڪنبيل 3 ٻارن جو پيءُ مبينا پوليس مقابلي مارجي ويو، احتجاج

منهنجي پاءُ مقتول شاهد سولنگي جو ترو ۾ پلاٽ جي مامري تان باٿر ماڻهن سان تڪرار هلندڙ هو: بابر سولنگي

ايس ايچ او هوسڙي اياز ٻگهيو باٿرن ممتاز شورو ۽ ذوالفقار شورو جي چرچ تي دشمني پاڙيندي پاءُ کي ڪوڙي مقابلي ۾ ماريو آهي

منهنجي پاءُ کي ايس ايچ او ڪهران ڪنهي ڪوڙي مقابلي ۾ قتل ڪري مقتول جي گوڙهاري زال ڪرن کي گهر ڪري ڇڏيو آهي

لطيف آباد 10 نمبر جي رهواسي جو ڌيئرن سميت احتجاج

نياڻين کي 6 مهينا مڙسن ناحق تشدد ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو: مير محمد

ڌيئي نائي منهنجي ڌيئرن ۽ مون کي موتمار ڌمڪين تي لهي آيا آهن، انصاف ڪيو وڃي

مسوپرڳڙي ۾ سرڪاري پلاٽن ۽ ڪليل ميدانن تي قبضن خلاف احتجاج

قبضا وڏڻ خلاف پورهيت مزاحمت تحريڪ پاران سخت احتجاج ڪيو ويو

ٽاٽوبولاخان جو ريٽائر استاد عبدالعزيز خاصخيلي حادثي ۾ زخمي

موٽيو عرف عبدالعزيز خاصخيلي جي جنگهه جو آپريشن ڪيو ويو

ٺيڪيدار جي ڪن مهٽ ڪري پل جي ڪم کي جلد مڪمل ڪرايو وڃي: رهواسي

نصيرآباد ۾ پ پ ليڊيز ونگ جي اڳوڻي صدر جو احتجاج

مهراڻ ڪالوني ۾ 2450 فوٽن تي مشتمل جاءِ مڙس منهنجي نالي ڪئي: مسڪان نسيم

ڏيرن جمعو اوڊاڻو ۽ حيدر اوڊاڻو مبينا طور ڪوڙا ڪاغذ تيار ڪري داخلا ڪرائي ورتي آهي

نصيرآباد (ن ع) پ پ ليڊيز ونگ جي اڳوڻي صدر جي ڏيرن ۽ روينيو انتظاميه خلاف پريس ڪانفرنس، انصاف جي اپيل تفصيل موجب پ پ ليڊيز ونگ سٽي نصيرآباد جي اڳوڻي صدر مسڪان نسيم اوڊاڻو تعلقه پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي پنهنجي ڏيرن ۽ مقامي روينيو کاتي جي عملدارن خلاف دانهيندي چيو ته ڳاجي روڊ مهراڻ ڪالوني ۾ 2450 فوٽن تي مشتمل هڪ جڳهه جيڪا سنڌس مڙس جي ملڪيت هئي، هن سنڌس نالي منتقل ڪئي آهي ۽ ان جو باقاعده فرد پڻ موجود آهي. هن الزام هنيو ته سنڌس ڏيرن جمعو اوڊاڻو ۽ ... ستون فارم تي داخلا ڪرائي ورتي آهي جڏهن نه سنڌس نالو داخل ڪرڻ کان انڪار ڪيو پيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته جڏهن هوءَ پنهنجي حق لاءِ مختيارڪار وٽ وئي ته بدتميزي ڪئي وئي. مسڪان نسيم ٻڌايو ته هن معاملي بابت عدالت ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته لاڳاپيل عملدارن خلاف اينٽي ڪرپشن کاتي ۾ پڻ درخواست ڏني وئي آهي. هن وڏي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزيراعلى سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ ٻين وس وارن اختيارين کان انصاف جي اپيل ڪندي خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ڪيس انصاف فراهم نه ...

شوٽنگ بال ايسوسيئيشن شهيد بينظير آباد جي صدر ٽورنامينٽ

ٽورنامينٽ جو فائينل فرينڊس ڪلب ۽ قمبر شاهه 34 هزار موري وچ ۾ ٿيو

سچ لهڻ ۽ اونداهي سبب ٻنهين ٽيمن جو اسڪور برابر ڪري ٽاس ڪئي وئي، قمبر شاهه ڪامياب

بوزدارودڙا پرسان ڳوٺ حاجي گدو سيال جي رهواسين جو احتجاج

باٿر پاران ڪاتي واري 3جريب زمين تي قبضو ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

ممتاز سيال اسان جي 3جريب زمين تي زبردستي ڏاڍ ڪري ناجائز قبضو ڪيو آهي: مظاهرين

ٽاٽوبولاخان جو ريٽائر استاد عبدالعزيز خاصخيلي حادثي ۾ زخمي

موٽيو عرف عبدالعزيز خاصخيلي جي جنگهه جو آپريشن ڪيو ويو

ٺيڪيدار جي ڪن مهٽ ڪري پل جي ڪم کي جلد مڪمل ڪرايو وڃي: رهواسي

مون ڪنهن جي زمين تي قبضو ناهي ڪيو: سعود احمد درس

امداد علي هاليپوٽو طرفان مون تي لڳايل سمورن الزامن کي سختي سان رد ڪريان ٿو

هو جنهن زمين جي مالڪي جي دعوى ڪري ٿو اها سندن ناهي اها زمين اسان جي آهي

پيپلزپارٽي ملڪ جي عوامي جمهوري جماعت آهي: سيد غلام مرتضى شاهه

جهنڊي مري جي يونين ڪائونسل شاهپوررضوي جو وڏي آبادي وارو ڳوٺ پيئڻ جي پاڻي کان محروم

مين ٽنڊوآدم روڊ جي تعميراتي ڪم دوران واٽر سپلاءِ اسڪيم جي لائن کي نقصان پهچڻ ڪري پاڻي فراهمي ٽن مهينن کان بند

ڳوٺ ۾ پيئڻ جي پاڻي جي ڪوٽ خلاف ڳوٺاڻن احتجاج رڪارڊ ڪرائيندي پوليو مهم جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو

هيلٿ ڊپارٽمينٽ، روينيو ۽ روڊ کاتي عملدارن پاران ڳوٺاڻن سان ڳالهيون، لکت ۾ يقين ڏيارڻ واري شرط ۾ ڳالهيون ناڪام

عثمان شاهه هڙپائي ڻ راتعلقي جهنڊي مري جي يونين ڪائونسل شاهپوررضوي جو 4 هزار آبادي وارو ڳوٺ مين ٽنڊوآدم روڊ جي تعميراتي ڪم دوران واٽر سپلاءِ اسڪيم جي لائن کي نقصان پهچڻ ڪري مسلسل ٽن مهينن کان پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم بڻيل ڳوٺ ۾ پاڻي ڪوٽ تي ڳوٺاڻن پوليو مهم جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو ۽ احتجاج رڪارڊ پڻ ڪرايو ويو انهي موقعي ...

حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي رٽائرڊ ملازمن پاران پينشن جي بحالي لاءِ ٽنڊوڄام ۾ انوکو احتجاج

رٽائرڊ ملازمن پاران پينشن جي بحالي لاءِ ڳچيءَ ۾ سڪل مانيون ٻڌي علامتي بک هڙتال ڪري احتجاج ڪيو

گذريل 40 ڏينهن کان پينشن جي بحالي لاءِ مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهن، پر انتظاميه طرفان ڪو ٻڌڻ وارو ئي نه آهي: مظاهرين

ميئر ڪاشف شورو ۽ بلديه ڪمشنر ظهور لڪ بجيٽ نه هجڻ جو جواز ڄاڻائي 740 کان وڌيڪ ملازمن جون پينشنون بند ڪري ڇڏيون آهن

ٽنڊوڄام (ٽ ر) حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جي رٽائرڊ ملازمن پاران پينشن جي بحالي لاءِ ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو منفرد احتجاج ڪيو ويو جتي پيرسن پينشنرن ڳچيءَ ۾ سڪل مانيون ٻڌي علامتي بک هڙتال ڪئي احتجاج ڪندڙن چيو ته سندن پينشن گذريل ڇهن مهينن کان بند آهي جنهن سبب سندن ٻچا ...

صحت کاتي سنڌ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل آر ايم اين سي ايڇ حيدرآباد ۾ انڌير نگري چوپٽ راڄ وارو جهان

اسسٽنٽ جي پوسٽ تي مبينا جعلي آرڊر تحت ڀرتي ٿيل شعيب رومي کي هيڊ 16 مان 17 ۾ ترقي ڏيڻ جون تياريون

شعيب رومي کي هيڊ 16 مان 17 ۾ ترقي ڏئي آفيس سپرينٽنڊنٽ بڻائڻ لاءِ کاتي پاران جاري ڊي پي سي واري لسٽ ۾ شامل

مبينا جعلي ڀرتي ٿيل شعيب رومي عمر جي حساب سان مون کان 3 سال ننڍو آهي، پروموشن ڏيڻ زيادتي آهي: محمد اڪرم

پنجاري ٽاٽي جي حد ڳوٺ لال بخش سولنگي جي رهواسين جو احتجاج

پوليس ذريعي هڪ ڇٽي کي ڪنيي وحشياڻو تشدد ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

محبوب شاهه اسان کي زبردستي ڳوٺ مان لڏائي زمين تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو: مظاهرين

نصيرآباد ۾ نوجوانن ۽ نياڻين کي بليڪ ميل ڪندڙ جوابدار گرفتار

جوابدار تي رڳو 5 عدد شراب جي بوتلن جو ڪيس داخل، رهواسين جو احتجاج

پوليس جي انهن آفيسرن خلاف جاچ ڪئي وڃي جن جوابدار کي سهولت فراهم ڪئي: شهري

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي پنجاري ٽاٽي جي حد ڳوٺ لال بخش سولنگي جي رهواسين باٿر ماڻهو پاران ڳوٺ مان زبردستي لڏائڻ ۽ پوليس ذريعي هڪ ڇٽي کي ڪنيي وحشياڻو تشدد ڪرڻ خلاف ڪالهه واحد بخش سولنگي، خميسو سولنگي، عرفان سولنگي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن الزام هڻندي چيو ته پنجاري پوليس باٿر ماڻهو سيد محبوب شاهه جي چرچ تي اسان جي هڪ ماڻهو ڪالو پٽ واحد بخش کي ...

سرهاري شهر ۾ پٽسن جي ڏيٽي ليٽي تان جهيڙو

فائرنگ ۽ ڪهاڙين لٺين جو آزادائي استعمال سبب 8 ڄڻا زخمي

فائرنگ سبب شهر ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو، پوليس زخمين کي ليمر اسپتال موڪليو

مڪي مديني جي زيارت ڪندڙ خوشنصيب آهن: شيراز انڙ

سڪرنڊ (س ر) سنڌ جي سياسي ڳهراڻي ڪلهر جي انڙ برادريءَ سان تعلق رکندڙ نوجوان سياسي سماجي شخصيت رئيس شيراز احمد انڙ چيو آهي ته خوشنصيب آهن اهي ماڻهو جيڪي دنيا جي عظيم سرزمين مڪي مديني جي زيارت ڪري اچن ٿا ...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اڱارو 14 اپريل 2026ع

جنگ ۽ امن جي وچ ۾ دنيا جو نازڪ موڙ

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٿيل ڳالهيون رڳو ٻن ملڪن جو معاملو نه هو پر اهو سڄي دنيا لاءِ امن يا جنگ جي مستقبل جو تعين ڪندڙ اهم مرحلو هو. چين، فرانس، برطانيا ۽ ٻين عالمي قوتن جا بيان واضح ڪن ٿا ته عالمي برادري هاڻي هٿيارن بدران سفارتڪاريءَ کي ترجيح ڏيڻ چاهي ٿي، پر ساڳئي وقت ميدان تي وڌندڙ ڇڪتاڻ ۽ بيانن جي سختي اهو ظاهر ڪري ٿي ته صورتحال اڃا مڪمل طور ضابطي ۾ ناهي. چائنا جي پرڏيهي وزارت پاران جاري ڪيل بيان ۾ اسلام آباد جون ڳالهيون ڇڪتاڻ گهٽائڻ ڏانهن اهم اڳڀرائي قرار ڏنيون ويون آهن. چيني ترجمان واضح ڪيو ته چين جنگ بنديءَ جي تسلسل ۽ تڪرارن جي سفارتي حل جو حامي آهي. هيءُ بيان نه رڳو چين جي پاليسيءَ جو عڪس آهي، پر عالمي سوچ ۾ تبديليءَ جو به اشارو ڏئي ٿو جتي جنگ بدران ڳالهين کي حل جو ذريعو سمجهيو پيو وڃي. ساڳئي وقت، ايمانوئل ميڪخوان پڻ زور ڏنو آهي ته هڪ مضبوط ۽ پائيدار حل لاءِ سفارتي ڪوششن ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي وڃي. سندس بيان ۾ ايران جي ايٽمي ۽ بيلسٽڪ سرگرمين، علائقائي عدم استحڪام، ۽ آبنائي هرمز ۾ جهاز راني جي آزادي جهڙن اهم معاملن کي اجاگر ڪيو ويو. فرانس جي اها سوچ مغربي دنيا جي وڏي حصي جي نمائندگي ڪري ٿي، جيڪا امن ته چاهي ٿي پر ساڳئي وقت سيڪيورٽي خدشن کي به نظرانداز ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.

آبنائي هرمز جي اهميت هن سڄي تڪرار ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿي. دنيا جي وڏي حصي جو تيل هن سامونڊي رستي ذريعي گذري ٿو جنهن جي بندش عالمي معيشت لاءِ وڏو ڌڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. ان ڪري برطانيا به واضح ڪيو آهي ته هو آمريڪي فوجي ناڪابنديءَ جو حصو نه بڻجندو، پر جهاز رانيءَ جي آزادي کي يقيني بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکندو. ان جي ابتڙ ڊونلڊ ٽرمپ جو بيان صورتحال کي وڌيڪ پيچيده بڻائي ٿو جنهن ۾ هن آبنائي هرمز ۾ داخل ٿيندڙ يا نڪرندڙ جهازن جي ناڪابنديءَ جو اعلان ڪيو آهي. اهڙي قدم سان نه صرف خطي ۾ ڇڪتاڻ وڌي سگهي ٿي، پر عالمي واپار به سخت متاثر ٿي سگهي ٿو. آمريڪا جو اهو جارحاڻو رويو سفارتي ڪوششن کي ڪمزور ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. ٻئي طرف، جي ڊي وينس اعتراف ڪيو آهي ته 21 ڪلاڪن تائين جاري رهندڙ ڳالهين باوجود ڪو حتمي معاهدو طئي نه ٿي سگهيو آهي. ايران به اهو ئي چوي ٿو ته ڪجهه اهم نڪتن تي اختلاف برقرار آهن، جيڪي ڪنهن به معاهدي جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻيل آهن. هيءَ حقيقت ظاهر ڪري ٿي ته مسئلو ڪيترو پيچيده آهي ۽ ان جو حل رڳو هڪ ملاقات سان ممڪن ناهي. انهي پسمنظر ۾ پاڪستان جو ڪردار انتهائي اهم ٿي سامهون آيو آهي. اسحاق ڊار جو چوڻ آهي ته پاڪستان ڳالهين لاءِ سهولتڪاريءَ جو ڪردار جاري رکندو. اسلام آباد جو ميزبان بڻجڻ نه صرف پاڪستان جي سفارتي حيثيت کي مضبوط ڪري ٿو پر اهو پڻ ظاهر ڪري ٿو ته ملڪ عالمي امن لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. تنهن هوندي به، انساني نقصان جي انگن اکرن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ايران موجب، آمريڪا ۽ اسرائيل جي حملن ڪانپوءِ سوا ٽي هزار کان وڌيڪ ماڻهو حياتيون وڃائي چڪا آهن. هي انگ صرف ڳڻپ نه آهي، پر هر هڪ انگ هڪ انساني الميو آهي، جيڪو دنيا کي ياد ڏياري ٿو ته جنگ جو اصل نقصان عام ماڻهو ڀوڳين ٿا. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عالمي قوتون پنهنجن مفادن کان مٿي ٿي ڪري انساني ڀلائي کي ترجيح ڏين. جيڪڏهن سياسي عزم ۽ سنجيدگي سان مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ته هڪ پائيدار امن ممڪن آهي، ٻي صورت ۾، دنيا ٻيهر هڪ وڏي تڪرار جي طرف وڌي سگهي ٿي، جنهن جا نتيجا ناقابلِ تصور هوندا.

سنڌ ۾ ايگرو ٽوئرزم يعني زرعي سياحت جا امڪان

عبدالله عثمان مورائي

سنڌ، پاڪستان جو اهو خطو آهي، جتي زمين رڳو مٽي ناهي پر زندگي آهي. سنڌوءَ درياهه جي وهڪرن سان سيري ويل هيءَ ڌرتي صدين کان زراعت جي آڌار تي جيئندي آئي آهي پاڻ سيني کي خبر آهي ته سنڌ جي معيشت جو بنياد زراعت تي آهي. جاهي اها ڪٽڪ هجي، ساريون معنيٰ چانور، ڪمند، دليون ڀاڄيون هجن يا وري سنڌ جا مشهور ميوا، خاص طور تي ميون جو بادشاهه انب هجي، پر تنهن هوندي به، ايتري زرعي اهميت ۽ وسعت جي باوجود، سنڌ جي زراعت اڃا تائين سياحت جي دنيا ۾ پنهنجو صحيح مقام حاصل نه ڪري سگهي آهي. ايگرو ٽوئرزم، جنهن کي زرعي سياحت به چيو وڃي ٿو سنڌ لاءِ هڪ اهڙو موقعو آهي، جيڪو نه رڳو معاشي ترقي آڻي سگهي ٿو پر شهري ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ جي وچ ۾ وڌندڙ وڇوٽيءَ کي به گهٽائي سگهي ٿو.

ايگرو ٽوئرزم ڇا آهي ۽ سنڌ لاءِ ڇو اهم آهي؟: ايگرو ٽوئرزم جو مقصد ماڻهن کي زراعت سان ويجهو آڻڻ آهي. ان ۾ فصلن ۾ وڃڻ، باغن ۾ گهمڻ، پوک جي عمل کي ڏسڻ، هارين جون دلچسپ ڳالهيون ٻڌڻ ۽ سڌي طرح ڌرتيءَ سان لاڳاپو جوڙڻ آهي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جهڙوڪ اٽلي، اسپين، ٿائيلينڊ ۽ هندستان ۾ زرعي سياحت ڪاميابيءَ سان هلي رهي آهي. سنڌ، پنهنجي زرخيزي، موسم، ثقافت ۽ مهمان نوازيءَ سبب، هن ميدان ۾ قدرتي برتري رکي ٿي. ڪراچي جهڙي مصروف ۽ ڪنڪريٽ سان ڀريل ۽ ڀڪيل شهر مان نڪري، جيڪڏهن ڪو ماڻهو چند ڪلاڪن ۾ سرسبز باغن، کليل آسمان ۽ خاموش فطرت جي وچ ۾ پهچي وڃي ته اهو پاڻ ۾ ئي هڪ سياحتي تجربو آهي.

انبن جي مند ۾ ڪراچي کان ٽنڊو الهيار يا ميرپورخاص تائين هڪ سفر: سنڌ ۾ انب رڳو ميوو ناهي، اهو ثقافت، سڃاڻپ ۽ احساسن جو حصو آهي. اونهاري ۾ انبن جي مُند جي اچڻ سان گڏ ڳالهيون، يادون ۽ خوشيون به زنده ٿي وڃن ٿيون. ايگرو ٽوئرزم جي حوالي سان انبن جي موسم کي هڪ مثالي مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو. تصور ڪيو ته ڪراچي مان سياحن جو هڪ گروهه ٽوئر آپريٽرن ۽ مقامي هارين ۽ زميندارن جي سهڪار سان ٽنڊو الهيار يا ميرپورخاص جي علائقن ڏانهن روانو ٿئي، جتي ادا علي پلهه ۽ ڀاءُ شڪيل پلهه جي خاندان ۽ ٻين علائقن ۾ ٻين زميندارن جا انبن جا باغ آهن هن سفر جي شروعات انبن جي وڻن بابت ڄاڻ سان ٿئي، وڻ ڪيئن پوکجن ٿا، ڦل ڏيڻ ۾ ڪيترا سال لڳن ٿا، ڪهڙي سنڀال ضروري آهي، پاڻيءَ جو انتظام ڪيئن ڪيو وڃي ٿو ۽ هر موسم ۾ هاري ڪهڙي ڪهڙي محنت ڪري ٿو، زميندارن ۽ هارين ۾ اجوري جي ڏي وٺ ڪيئن هجي ٿي وغيره وغيره.

ڪهاڻيون، جيڪي باغن کي ڳالهائيندڙ بڻائين ٿيون: اهي ڪهاڻيون زرعي سياحت کي خاص بڻائين ٿيون. جيڪي ڪتابن ۾ موجود ناهن پر ماڻهن جي يادگيرين ۾ زنده آهن. مثال طور لسبن پورچوگال ۾ علي پلهه هڪ اهڙي دلچسپ ڳالهه ٻڌائي هئي ته اڳي جڏهن سنڌ ۾ سائي رنگ جا طوطا گهڻا هوندا هئا ۽ جڏهن اهي اچي انبن جي وڻن تان انب ڪائڻ شروع ڪندا هئا ته اهو ان ڳالهه جو قدرتي اشارو هوندو هو ته انب هاڻي پچي راس ٿي چڪا آهن ۽ ڪائڻ لاءِ تيار آهن. هيءَ ڪهاڻي نه رڳو انبن بابت آهي، پر فطرت، پکين ۽ انسان جي وچ ۾ هم آهنگيءَ جو ثبوت آهي. اهڙيون ڳالهيون سياحن لاءِ باغن کي رڳو جڳهه نه پر هڪ زنده تجربو بڻائي ڇڏين ٿيون.

انبن جي دعوت، باغن کان ذائقي تائين جو سفر: انبن جي مُند ۾ انبن جي پارٽي يا ملاقات هن سفر جو سڀ کان دلچسپ ۽ وڻندڙ حصو ٿي سگهي ٿو، جتي سياح مختلف قسمن جا انب مثال طور سنڌڙي، چونسو، انور رٽول، بيگم ڀالي، لنگڙو وغيره جي ذائقي مان لطف اندوز ٿين. زميندار ۽ هاري کين ٻڌائين ته هر قسم جي انبن جي خاصيت ڇا آهي، ڪهڙو انب ڪٿي وڌيڪ پسند ڪيو وڃي ٿو ۽ اهي انب ڪيئن مارڪيٽن ۽ ٻاهرين ملڪن تائين پهچن ٿا. اهو تجربو رڳو ذائقي تائين محدود ناهي پر ماڻهن کي اها سمجهه به ڏئي ٿو ته هر انب جي پويان ڪيتري محنت، وقت ۽ صبر لڪل آهي.

سڄي سال لاءِ زرعي سياحت: ايگرو ٽوئرزم کي رڳو انبن تائين محدود ڪرڻ بدران ان کي سنڌ جي ٻين زرعي وسيلن تائين وڌائي سگهجي ٿو مثال طور لاڙڪاڻي جي زيتونن ۽ خيرپور ميرس جي کجين جي باغن، سنڌ جي چانورن، ڪمند، ڪٽڪ ۽ دالين جي پوک کان وٺي فصل لهڻ تائين جا قصا، ٻهن ۽ ٻين ڀاڄين جا فصل يا فارم، ان ڪانسواءِ مال پالڻ، مڇيءَ ۽ ڪڪڙن جا فارم ۽ کير جي پيداوار جي ڄاڻ بابت هڪ سياحت جي باقاعده ۽ منظم طريقي سان شروعات ٿي سگهي ٿي. هر فصل جي پنهنجي موسم، پنهنجي ڪهاڻي ۽ پنهنجي اهميت آهي. سياح نه رڳو پوک بابت سکندا، پر مقامي پکين، جانورن، ڳوٺاڻين راندين، کاڌي ۽ روايتن سان به واقف ٿيندا.

هارين ۽ ڳوٺاڻن لاءِ نوان موقعا: زرعي سياحت کي سنجيدگيءَ سان شروع ڪرڻ سان هارين کي آمدنيءَ جو هڪ نئون ذريعو ملي سگهي ٿو. ڳوٺن جا نوجوان گائيڊ يا سونهان بڻجي سگهن ٿا. عورتون کاڌي، دستڪاري ۽ مهمان نوازيءَ ۾ ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. اهڙي ريت ڳوٺن مان شهرن ڏانهن لڏپلاڻ به گهٽجي سگهي ٿي.

حڪومت جو ڪردار ۽ سهڪار: ايگرو ٽوئرزم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ضروري آهي ته سنڌ حڪومت جو زراعت کاتو ۽ سياحت کاتو گڏجي ڪم ڪن. پاليسين، تربيت، حفاظتي انتظامن ۽ تشهير ذريعي هن شعبي کي اڳتي وڌائي سگهجي ٿو. ساڳئي وقت، سٺي معيار جي رهائش، صاف سٿرا کاڌي جا انتظام، محفوظ سفر ۽ مقامي ميزبانن ۽ مهمانن جي حفاظت انتهائي اهم آهي. جڏهن سهولتون بهتر هونديون ته سياح پاڻ به ايندا ۽ ٻين کي به آڻيندا.

سنڌ کي نئين نگاهه سان ڏسڻ جو موقعو: ايگرو ٽوئرزم سنڌ کي دنيا آڏو هڪ نئين روپ ۾ پيش ڪري سگهي ٿو هڪ اهڙي ڌرتي، جتي زراعت، ثقافت، ڪهاڻيون ۽ انسانيت گڏجي هلن ۽ ساهه کڻن ٿيون. هي سياحت ماڻهن کي ڌرتيءَ سان جوڙي ٿي، کاڌي جي اصليت سان واقفيت ڪرائي ٿي ۽ زندگيءَ جي سادگيءَ جو احساس ڏياري ٿي سنڌ جي زمين تيار آهي، ڪهاڻيون زنده آهن پر هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن فصلن، باغن ۽ فارمن جا دروازا دنيا لاءِ کوليا وڃن

لکي ايراني سرڪس ۽ موجوده حالتون

مير اعظم علي ٽالپر

هيءَ ڳالهه آهي ته تقريبن اڌ صديءَ کان به ڪجهه وڌيڪ پراڻي، جڏهن راقم جي عمر مشهور گاني 'تيري عمر هي سولا سال' جيان 16 سال هئي، بلڪل 1960ع واري ڏهاڪي دوران 1968ع ۽ 1969ع دوران ٽنڊي جام شهر ۾ حيدرآباد، ميرپورخاص روڊ تي ورڪشاپ بس اسٽاپ وٽ هڪ وڏو ۽ وسيع ته ميدان خالي پيل هوندو هو جنهن تي سال ۾ هڪ يا ٻه دفعو لکي ايراني سرڪس يا وري شاهين سرڪس وارا ايندا هئا. سرڪس ۾ ٻئي هڪجهڙا هوندا هئا. البت لکي ايراني سرڪس ۾ جادوئي ڪرتب ڪجهه وڌيڪ پيش ڪيا ويندا هئا. ان ڪانسواءِ پرندڙ ٻاهه مان ٽپ ڏيڻ وغيره. شاهين سرڪس ۾ شينهن ۽ ان جي رنگ ماسٽر جي هنٽر جو تماشو ڏسڻ وٽان هوندو هو ته ان ۾ ناچ گانا به هوندا هئا ۽ هڪ ڊانسر شيرين جا رقص ڏسڻ ۽ ان کي پنج روپيا ڏيڻ تي هُو اچي هٿ ملائيندي هئي ته پوري ميدان وارا ان سخي مرد شوقين کي ڏسندا ۽ شور ڪندا هئا. راقم به هڪ ٻه دفعا ائين ڪيو ته مرڳيو بابا ڪن مهمت ڪئي هئي.

بهرحال لکي ايراني سرڪس اچا به سنڌ ۾ هلي ٿو پر ٽنڊو جام نٿو اچي، ان ٿي زماني ۾ ريلوي وارا سال ۾ هڪ دفعو ٽنڊو جام ريلوي اسٽيشن ٻاهران هڪ فلم عوام کي مفت ۾ رات جو بيٺي تفريح طور به ڏيکاريندا هئا. فلم جو ذڪر نڪتو آهي ته اڄ کان 55 سال اڳ جو منظر اکين ۾ فليش بيڪ وانگر گهمي رهيو آهي، 7 فيبروري 1971ع جي تاريخ آهي، حيدرآباد جي نيو مئجسٽڪ سئنيما جو نمر جي وڻ وارو ميدان ۽ فلمبين آهن. عيدالاضحيٰ جو ٻيهرين ڏينهن هئڻ ۽ مارننگ شو سبب شوقينن جو سمنڊ بليڪ تي ٽڪيٽ وٺي هال ۾ اندر داخل ٿي رهيو آهي. اها فلم ملڪ جي هڪ اعليٰ درجي واري شايد ٻهرين جاسوسي فلم هئي، جيڪا پاڪستان ۽ ايران جي گڏيل تعاون سان ناهي وئي هئي، فلم جو نالو هو 'ڪراچي آپريشن 800 جيمس بانڊ' هي سال 1971ع جي 19هين فلم هئي، جيڪا ڪراچي جي ايسٽرن اسٽوڊيو ۾ ناهي وئي هئي، هن فلم ناهڻ لاءِ خرچ فيري بوذر عباس (ايراني) ڪيو. اداڪار رضا فاضلي ڪمال ايراني، ترانه (جيڪا 1971ع ۾ صدر يحيٰ کي ويجهو هئڻ سبب ترانه بدران قومي ترانه سڏي ويندي هئي) ڪراچي آپريشن 800 جيمس بانڊ جي ڪهاڻي ۾ هو ته امريڪا جي خفيه ايجنسي پاران ڪراچي ۾ هڪ گروهه خطرناڪ هٿيار ناهي ٻاهر موڪلي دنيا تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو ان خفيه گروهه کي پڪڙڻ لاءِ به امريڪا مان هڪ ڳجهي ايجنسي طرفان خفيه ايجنٽ جيمس ڪراچي اچي ٿو، جنهن جو ڪوڊ هوندو آهي '800' ۽ ان کي ڪراچي ايئرپورٽ تان فلم جو هيرو رضا فاضلي ٽيڪسي ڪاهي وٺڻ ويندو آهي ته هي گانو جونڊو آهي، 'اڪ اڙن کٽولا آئيگا، ڪسي لال پري ڪو لائيگا، نه جان نه پهچان، ڪيا نام بتائون آس ڪا ڪي اينيا يوبو' فلم ختم ٿيڻ ڪانپوءِ جڏهن تماشائي ٻاهر نڪري رهيا هئا ۽ روڊ تي هلي رهيا هئا ته هر ڪو اهو (مشهور) گانو ڳائي رهيو هو، پر سڀئي آخري لفظن تي پريشان هئا ته ' اينيا يوبو' آخر ڇا آهي، اهو سمجهه ۾ نه آيو. ان جي باوجود به سڀئي ڇتي رهيا هئا 'اينيا يوبو' هي فلم سنڌ سرڪٽ ۾ 11 هفتا هلي هئي، ان ڪانسواءِ هڪ ٻي پاڪ-ايران فلم 'شير ايران' نالي سان اردو ۾ شاليمار سئنيما حيدرآباد ۾ رليز ٿي هئي، بهرحال 1970ع واري ڏهاڪي ۾ پاڪستان ۽ ايران جون گڏيل فلمون نهيون هيون.

تازو هڪ ايراني فلم جيڪا انساني رشتن، ذميوارين ۽ سماجي برداشت کي ظاهر ڪري ٿي، رليز ٿي آهي. 'ليلا برادرز' جنهن ۾ انسانيت ۽ محنت جو درس ڪهاڻي ۾ آهي يا وري اِهو ذڪر آهي سال 1950ع دوران ضلعي دادو جي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه جو جنهن جي ڳوٺ پيجاهي ۾ هڪ شخص علي حسن گاڏهي جي گهر ۾ هڪ ڇوڪرو ڄائو، جنهن جو نالو سندس والد شاهزيب رکيو، جيڪو جوان ٿيندي 1960ع جي ڏهاڪي ۾ جون ٿا ايران هليو ويو ۽ 1974ع ڌاري واپس سنڌ جي پنهنجي شهر خيرپور ناٿن شاهه موٽي آيو ۽ پاڻ سان پنهنجي گهر واري ايراني عقي نالي عورت به گڏ آنداڻين ۽ شهر ۾ هوميو پيٿڪ ڊاڪٽر طور ڪم ڪيائين ۽ ان ڪانپوءِ بطور ريڊيو مستري ريڊين جو دڪان کوليائين. پر لاڳيتو هر ڪم ۾ ناڪام رهيو، هي پنهنجي زندگي جي آخري ڏينهن ۾ مٿي تي تاج جهڙو ٽوپ پائي ڳچي ۾ مٽڪن جا هار وجهي

هٿن سان جهڙي وڃائي ڪي اين شاهه جي گهٽين ۾ ڪشتو ڪٽي چڪر پيو ڏيندو هو هن وڏي ڪوشش ڪئي ته سئنيما وارا فارسي ايراني فلمون هلائين پر ڪنهن به سئنيما واري آهي فلمون نه ڏيکاريون. جڏهن ته 1992ع دوران سخت ترين گرمي ۾ انگريزي ۽ پرشن زبانن ۾ تمام گهڻو وڦليو، سندس ڪپڙا ڦاٽل، ليڙون ليڙون هئا ۽ هلندي هلندي روڊ تي ڪري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو. رستي تي هن کي ڪِريل ڏسي شهرين هڪ گڏهه گاڏي ۾ چاڙهي کي اين شاهه اسپتال پهچايو ۽ ڊاڪٽرن ڏسي ٻڌايو ته هن ڪو زهر يا ڌاتورو پيتو آهي. ان بعد هو گذاري ويو پر چون ٿا ته اڄ به ڪي اين شاهه ۾ ان هوميو پيٿڪ دڪان ۾ نيلسي ريگن سان سندس گڏيل نڪتل يادگار فوٽو جي شاندار ماضيءَ جي شاهدي ٻڌائي ٿو. هن پنهنجو فلمي نالو وحئه ڪمار رکيو هو ۽ ان ٿي نالي سان فارسي فلمن جو هيرو هو. خيرپور ناٿن شاهه ۾ عبرت جي جهوني نمائندي ڪرشن مهراج ٻڌايو ته هيءَ ذات جو ڪوسو هو ۽ ايران جي ٻن ٽن فلمن ۾ ڪم ڪيائين. سندس ايراني زال مان به پٽ ۽ هڪ ڌيءَ به (شايد) هئي ۽ هن پنهنجو ڪچو گهر ڪُڏڻ ڪڏ جي ڪناري تي ناهيو هو ۽ آخر ۾ ڇريو ٿي ويو هو. بقول ڪرشن مهراج ته هن ايراني فلمن ۾ گهڻو ڪم نه ڪيو يا ڪامياب نه ٿيو. ان ڪري موٽي آيو هو. ان ڪانسواءِ پاڪستاني فلمن ۾ اداڪار ڪمال ايراني اهم رول ادا ڪيا ته هندستان ۾ ڊيزي ايراني فلمن ۾ ڪم ڪري نالو ڪمايو جڏهن ته خود ايران ۾ خانم گوگو وڏي ڳائڻي هئي پر انقلابِ ايران ڪانپوءِ سندس آواز خاموش ٿي ويو. امريڪا جو صدر ٽرمپ ٻهرين شينهن واريون رڙيون ۽ هاڻ ٻليءَ جيان مياڻون مياڻون ڪري رهيو آهي.

اڄڪلهه امريڪا ايران جنگ تي ته گهڻو ڪجهه لکجي رهيو آهي پر راقم جا امريڪا، ايران ۽ پاڪستان ۾ گڏيل نمونن ڪنهن نه ڪنهن طرح سان فلمي لاڳاپا رهيا آهن. انهن کي ماضيءَ ۾ ڪٽي هڪ دفعو ٻيهر دل ۽ دنيا کي تازو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيئنڪ ان لاءِ تڪليف جو اثر به گهڻو هو امريڪا ۽ ايران جا پاڻ ۾ اختلاف شهنشاهه رضا پهلوي جي حڪومت ختم ٿيڻ ۽ 1979ع ۾ انقلابِ ايران بعد وڌي ويا ۽ پوءِ آهي وڌندا ئي رهيا. انهن ۾ 52 سفارتڪارن کي يرغمال ڪرڻ به شامل آهي. موجوده لڙائي ۾ امريڪي صدر ايران کي پٿرن جي زماني ۾ موڪلڻ ۽ تهذيب ختم ڪرڻ جو جيڪو بيان ڏنو هو هاڻ اُن تي ٽرمپ يوٽرن وٺي چيو آهي ته اهو مڙئي دٻاءُ ۽ پريشر لاءِ چيو هو. پاڪستان پاران ٽياڪڙي

> **موجوده لڙائي ۾ امريڪي صدر ايران کي پٿرن جي زماني ۾ موڪلڻ ۽ تهذيب ختم ڪرڻ جو جيڪو بيان ڏنو هو هاڻ اُن تي ٽرمپ يوٽرن وٺي چيو آهي ته اهو مڙئي دٻاءُ ۽ پريشر لاءِ چيو هو. پاڪستان پاران ٽياڪڙي جي سهولتڪار طور ايران ۽ امريڪا وچ ۾ ڳالهين جو رابطو اسلام آباد ۾ ڪرايو پر ڳالهيون ناڪام لڪجن يا بنا نتيجي ختم ٿيون لکڻ گهرجن. چو ته نه ڊيل ٿي نه معاهدو. سڀ بي مقصد بي معنيٰ رهيو. جيتوڻيڪ اُن ۾ ميزبان ملڪ پاڪستان جو ڪو به ڏوهه نه آهي ڳالهين لاءِ امريڪا جو نائب صدر جي ڊي وينس اسلام آباد پهتو ۽ 21 ڪلاڪ ڳالهيون ٿيون پر نائب امريڪي صدر پاڪستان ۾ نه سچ ايرندي ڏٺو نه لهندي ڏٺو.**

جي سهولتڪار طور ايران ۽ امريڪا وچ ۾ ڳالهين جو رابطو اسلام آباد ۾ ڪرايو پر ڳالهيون ناڪام لڪجن يا بنا نتيجي ختم ٿيون لکڻ گهرجن. چو ته نه ڊيل ٿي نه معاهدو. سڀ بي مقصد بي معنيٰ رهيو. جيتوڻيڪ اُن ۾ ميزبان ملڪ پاڪستان جو ڪو به ڏوهه نه آهي. ڳالهين لاءِ امريڪا جو نائب صدر جي ڊي وينس اسلام آباد پهتو ۽ 21 ڪلاڪ ڳالهيون ٿيون پر نائب امريڪي صدر پاڪستان ۾ نه سج ايرندي ڏٺو نه لهندي ڏٺو.

اُن ڪانسواءِ سندس جهاز ساڍا ٽي ڪلاڪ ليٽ پاڪستان پهتو ۽ هن جو جهاز پيرس ۾ به ڪلاڪ بيٺو رهيو شايد ايفل ٽاور ڏسڻ لاءِ. هاڻ امريڪا چئي ٿو آبنائي هرمز لنگهه بند ڪندس. جڏهن ته به پاڪستاني جهاز ڪالهه آبنائي هرمز کان شالا مار ۽ خيرپور کي واپس ڪيا ويا آهن. چون ٿا ته مودي اسلام آباد ۾ ڳالهيون ناڪام ٿيڻ لاءِ پنڊتن کي مندرن ۾ ٽي ٽي هزار ڏنا ۽ چيو ته اوهان دعائون گهرو ته ڳالهيون ناڪام ٿين. البته اهو سچ آهي يا ڪوڙ اُن جي خبر نه آهي. البته اسرائيل چئي ٿو ته هن لڙائي تي 11 ارب ڊالر خرچ ٿيو آهي. جنهن ۾ 3375 هزار ماڻهو شهيد ٿيا آهن. بهرحال فلم ڪراچي آپريشن 800 جيمس بانڊ جي گاني 'اڪ اڙن کٽولا آئيگا اينيا يوبو' وانگرجي ڊي وينس اُڙن کٽولي ۾ وا مينهن هڪ ڪري آيو ۽ طوفان جيان هليو ويو ۽ ڳالهيون به وري ' اينيا يوبو' ٿي ويون. حالانڪ اڙن کٽولا ته جهاز ٿيو پر اهو اينيا يوبو ڇا آهي؟ اُن جي خبر نه آهي. جيئن راجڪپور جي مشهور فلم برسات جي گاني ۾ آهي 'برسات مين هم سي ملي تم سجن، تم سي ملي هم، تڪ ڏنا ڏن تڪ' برسات ۾ مليا ته سمجهه ۾ آيو پر اهو تڪ ڏنا ڏن ڇا آهي؟ ان جي خبر نه آهي، سو اينيا يوبو جي خبر نه آهي، ڪاش

آمريڪا-ايران ڳالهيون ناڪام: هاڻ ڇا ٿيندو؟

يار محمد سومرو

اسلام آباد ۾ ٿيل آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ اهم امن ڳالهيون بنا ڪنهن حتمي نتيجي جي ختم ٿي ويون، جنهن کان پوءِ نه رڳو علائقي پر عالمي سطح تي به ڳڻتيءَ جي لهر پکڙجي وئي آهي. انهن ڳالهين ۾ پاڪستان هڪ سرگرم ۽ ذميوار ٽياڪڙ جو ڪردار ادا ڪيو، پر سڀني سفارتي ڪوششن باوجود ٻنهي ڌرين کي ڪنهن گڏيل معاهدي تي آڻڻ ممڪن نه ٿي سگهيو.

سفارتي ذريعن ۽ تجزيه نگارن موجب، هن ناڪاميءَ پٺيان ڪيترائي گهرا ۽ پيچيده عنصر ڪارفرما آهن. جن ۾ سڀ کان اهم آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ بنيادي نوعيت جا اختلاف آهن. ايران مسلسل ان ڳالهه تي زور ڏيندو رهيو ته مٿس لاڳو سموريون معاشي پابنديون فوري طور ختم ڪيون وڃن ته جيئن ان جي معيشت کي سهارو ملي سگهي. ٻئي طرف آمريڪا اهو مطالبو ڪندو رهيو ته ايران پهريان پنهنجو ايٽمي پروگرام محدود ڪري، يورينيم جي افزودگي گهٽائي ۽ عالمي معائنو ڪندڙن کي مڪمل رسائي فراهم ڪري. اهو بنيادي اختلاف ئي ڳالهين جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ بڻيو.

ٻنهي ملڪن وچ ۾ اعتماد جي سخت کوٽ به اڳڀرائيءَ ۾ وڏي رڪاوٽ بڻجي. ماضيءَ ۾ ٿيل ايٽمي معاهدي مان آمريڪا جي الڳ ٿيڻ ايران جي اعتماد کي سخت متاثر ڪيو، جنهن سبب ايران ڪنهن به نئين خاطريءَ کي شڪ جي نظر سان ڏسي ٿو ته ٻي طرف آمريڪا کي ايران جي علائقي ۾ وڌندڙ سرگرمين، خاص طور وچ اوڀر جي تڪرارن ۾ ان جي ڪردار تي سخت خدشا آهن.

آمريڪي قيادت طرفان پيش ڪيل "حتمي فريم ورڪ" پڻ ڳالهين جي ناڪاميءَ جو اهم سبب قرار ڏنو پيو وڃي. ايران هن تجويز کي هڪ طرفي ۽ دٻاءُ تي ٻڌل قرار ڏئي رد ڪري ڇڏيو، جنهن کان پوءِ ڳالهين ۾ لچڪ جي گنجائش تقريبن ختم ٿي وئي. ماهرن موجب جڏهن ڪنهن هڪ ڌر طرفان "آخري پيشڪش" سامهون اچي وڃي ته مفاهمت جا امڪان گهٽجي وڃن ٿا.

پاڪستان هن سموري عمل ۾ هڪ مثبت ۽ سرگرم ڪردار ادا ڪيو. هن ٻنهي ملڪن کي ڳالهين جي ميز تي آندو اها ئي پاڪستان لاءِ وڏي ڪاميابي آهي ۽ هڪ سازگار ماحول پڻ فراهم ڪيو، جتي کلي ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي. بهرحال، ماهرن موجب پاڪستان جو ڪردار گهڻو ڪري سهولتڪار (facilitator) تائين محدود رهيو، جيتوڻيڪ پاڪستان جا آمريڪا ۽ ايران ٻنهي سان سٺا لاڳاپا آهن. پر اهي ايترا اثرانداز نٿا ٿي سگهن جو انهن وڏين طاقتن کي پنهنجي بنيادي پاليسين ۾ تبديلي آڻڻ تي مجبور ڪري.

وڌيڪ اهو ته هن ڀيري ڳالهين ۾ ٻين عالمي طاقتن- جهڙوڪ يورپي يونين چين ۽ روس- جي عدم شموليت پڻ هن عمل کي ڪمزور بڻايو. ماضيءَ جي ابتڙ جڏهن گهڻ ڌرئي ڳالهيون ذريعي معاهدا طئي ٿيندا رهيا، هن ڀيري محدود دائري سبب ڪو جامع ۽ متوازن حل سامهون نه اچي سگهيو.

انهن ڳالهين جي ناڪاميءَ جا اثر وچ اوڀر سميت ڏکڻ ايشيا تائين محسوس ٿي سگهن ٿا. ماهرن موجب ڇڪتاڻ ۾ واڌ سان نه رڳو تيل جي عالمي منڊي متاثر ٿي سگهي ٿي، پر علائقي ۾ سيڪيورٽي خدشا پڻ وڌي سگهن ٿا. ڪنهن به ممڪن ٽڪراءَ جي صورت ۾ عالمي معيشت ۽ واپاري رستن تي به منفي اثر پئجي سگهي ٿو.

پاڪستان لاءِ اها صورتحال هڪ طرف سفارتي چئلينج آهي ته ٻي طرف هڪ موقعو پڻ. چئلينج ان ڪري ته علائقي ۾ ڇڪتاڻ وڌڻ سان پاڪستان تي به دٻاءُ وڌي سگهي ٿو جڏهن ته موقعو ان ڪري ته پاڪستان مستقبل ۾ به ٽياڪڙي جو ڪردار ادا ڪندي پنهنجي سفارتي اهميت کي وڌيڪ مضبوط ڪري سگهي ٿو. بهرحال، ان لاءِ ضروري آهي ته پاڪستان پنهنجي سفارتي حڪمت عمليءَ کي وڌيڪ مؤثر بڻائي ۽ عالمي طاقتن سان بهتر هم آهنگي پيدا ڪري.

تجزيه نگارن جو خيال آهي ته جيتوڻيڪ موجوده ڳالهيون ناڪام ٿي ويون آهن پر سفارتڪاري جو عمل مڪمل طور بند ناهي ٿيو. مستقبل ۾ ٻيهر ڳالهين جا امڪان موجود آهن. خاص طور جيڪڏهن ٻئي ڌريون پنهنجي موقف ۾ ڪجهه لچڪ پيدا ڪن ان سان گڏ گهڻ ڌرئي ڳالهين جي بحالي ۽ عالمي طاقتن جي شموليت ڪنهن پائيدار حل لاءِ ضروري هوندي.

اهو چئي سگهجي ٿو ته آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين جي ناڪامي دراصل گهڻن سياسي، سيڪيورٽي ۽ سفارتي اختلافن جو نتيجو آهي. پاڪستان جون ڪوششون يقيناً قابلِ تحسين آهن، پر انهن جي ڪاميابي جو دارومدار آخرڪار لاڳاپيل ڌرين جي سنجيدگي، آمادگي ۽ باهمي اعتماد تي ئي هوندو.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

گهڙيا سي ڄڙهيا، اِيهين آئيئي،
مَئي مَتِي مَهراڻ ۾، پوءَ ٿيو ڏيئي،
ميهار مِليئي، سَنيُوڙو سِيڻاهه سين.

گهڙيا = درياهه ۾ لٿا يا داخل ٿئا / ڄڙهيا = پار پهتا، ٻئي ڪنڌيءَ رسئا / مَئي =موج ۾ مستيءَ ۾ / مَتي =متل، پريون / مهراڻ = سنڌو درياهه جو ٻلو درياهه موج ۾ آهي / سنيوڙو = هڪيو تڪيو، تياراتي جواتي / سيڻاهه = ٻڪري جي چمڙي مان ٺهيل ڳوٺري، جنهن منجهه هوا ڀري ان جي ذريعي درياهه ۾ تربو آهي (سر سهڻي مرتب ڀانهون خان شيخ)

لطيف سائين سهڻي (طالب) کي چئي ٿو ته جي ميهار سان ملڻو اٿئي (پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻي آهي) ته پوءِ هي مهل ڪارگر آهي، سر جو سانگو لاهي درياهي موجن ۾ ڪاهي پئُ ته پار پهچي ويندينءَ جيڪي درياهه جي ان خطرناڪ موج مستيءَ جي پرواهه نٿا ڪن، ميهار انهن کي انهيءَ تار ۾، درياهه جي موجن ۾ پار اڪارڻ لئه سيڻاهه سميت ئي هڪيو تڪيو تيار ملندو آهي. توکي مستقل مزاج رهڻو آهي. ڪنهن خوف ۽ دهشت کان ناهي گهبرائڻو. ڪِٽڻ يا بيزار ناهي ٿيڻو..

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اجوڪو ڏينهن - 14 اپريل

سيد عبدالله شاهه

اڄ سنڌ جي مشهور سياستدان ۽ سابق وڏي وزير سيد عبدالله شاهه جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي سيد عبدالله شاهه جي ولادت 11 ڊسمبر 1934ع تي سيوهڻ تعلقي جي ڳوٺ واهڙ ۾ ٿي هو سنڌ جي موجوده وزيراعليٰ سيد مراد علي شاهه جو والد هو هن ڪراچيءَ مان قانون جي سند حاصل ڪئي هن 1964ع ڌاري سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو ۽ يونين ڪائونسل بوبڪ جو چيئرمين چونڊيو پاڻ سڄي عمر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان سلهاڙيل رهيو هو 1970ع ۾ سنڌ ڪابينه جو ميمبر رهيو ۽ ڊسمبر 1988ع کان آگسٽ 1990ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر رهيو اڳتي هلي 21 آڪٽوبر 1993ع تي سنڌ جي وزيراعليٰ طور واڳون سنڀاليائين ۽ 6 نومبر 1996ع تائين انهيءَ عهدي تي فائز رهيو شاهه صاحب ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ به ڀرپور حصو ورتو ۽ انهيءَ تحريڪ ۾ حصو وٺڻ سبب جيل جون صعوبتون به برداشت ڪيائين هن 14 اپريل 2007ع تي دم ڏنو ۽ ڄڻي حوالي ڪيو

سوڍائي سومرو

اڄ مشهور ليکڪ ۽ صحافيءَ سوڍائي سومري جي وفات جو ڏينهن آهي هو 10 اپريل 1938ع تي دادوءَ ۾ ڄائو سندس اصل نالو غلام رسول ولد محمد يوسف سومرو هو هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري پرائمري استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي، بعد ۾ اها نوڪري ڇڏي دادوءَ ۾ آڪٽراءِ ڪلارڪ مقرر ٿيو هن ڪجهه وقت قلندري پرنٽنگ پريس دادوءَ ۾ پڻ ڪم ڪيو هن مختلف اخبارن جي نمائندگي طور به ڪم ڪيائين 1954ع ڌاري سوڍائي سومري جي نالي سان مزاحيه شاعري شروع ڪيائين ۽ ڪافي مقبوليت ماڻيائين هن اخبارن ۾ مزاحيه ڪالم پڻ لکيا. هن جي شاعريءَ جا مجموعا "ڇهنڊڙيون" (1964ع)، "ٽاڪوڙا" (1966ع) ۽ "تنهنجي ڏاڍ منهنجي ماٺ" (1974) ڇپجي چڪا آهن. هن ڪجهه اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪاري ۽ هدايتڪاري پڻ ڪئي. 14 اپريل 1992ع تي سندس وفات ٿي

طارق اشرف

اڄ مشهور ليکڪ ۽ پبلشر طارق اشرف جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو 5 جولاءِ 1940ع تي حيدرآباد ۾ سيد لطف علي شاهه جي گهر ۾ ڄائو هن اسڪول ۽ ڪاليج جي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪئي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي ڪيائين ادبي دنيا ۾ هڪ ڪهاڻيڪار طور پير پاتائين سندس پهرين ڪهاڻي "دري" 1960ع ڌاري بادل رسالي ۾ ڇپجي پڌري ٿي ساڳئي ئي سال هن غلام نبي مغل سان گڏجي "اداره ادب نو" جي نالي سان هڪ پبلشنگ هائوس جو بنياد رکيو اڳتي هلي انهيءَ اداري جو نالو بدلائي "سهڻي" رکيو ويو انهيءَ اداري پاران هن ماهوار سهڻي رسالو 1966ع ڌاري جاري ڪيو هي رسالو انهيءَ دور جي سمورن سنڌي ادبي رسالن ۾ سڀ کان مقبول رسالو هو طارق اشرف هڪ بي ڊپو انقلابي ليکڪ هو هن ون يونٽ، ذوالفقار علي ڀٽي جي پاليسين ۽ ضياءالحق واري مارشل لا خلاف خوب لکيو انڪري 1975ع ۾ ڪيس 22 مهينن لاءِ ۽ 1983ع ۾ ٽن مهينن لاءِ جيل به وڃڻو پيو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "سونهن، پيار ۽ پيار" (ڪهاڻيون)، "ڪونڌا ڪنڌهار" (ڪهاڻيون)، "زندگيءَ جو تنها مسافر" (ڪهاڻيون)، "درد جا ڏينهن، درد جون راتيون" (ڪهاڻيون)، "بند اکين ۾ ڪجهه يادون ڪجهه سپنا" (ڪهاڻيون)، "باويهه مهينا جيل ۾" (جيل ڊائري)، "جيل گهاريم جن سين"، "اڌ ملاقات"، "ميرو ڊائريل" (ناول) ۽ "آخري ڪتاب" شامل آهن. هن 14 اپريل 1992ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي

دوران تاريخ 6 ربيع الثاني 1261هه مطابق 14 اپريل 1845ع تي ڪلڪتي ۾ وفات ڪئي ابت پير حسام الدين راشديءَ پنهنجي ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" ۾ مير صاحب جي وفات جي تاريخ 7 ربيع الاول 1261هه لکي آهي مير صاحب وصيت ڪئي هئي ته هن کي ڪربلا ۾ دفنايو وڃي پر سندس اها خواهش پوري نه ٿي سگهي سندس جسد خاڪي کي امانت طور هڪ سال لاءِ ڪلڪتي ۾ دفنايو ويو ۽ ان کان پوءِ حيدرآباد ۾ مٽيءَ ماءُ جي حوالي ڪيو ويو مير محمد نصير خان فارسي ٻوليءَ جو عمدو شاعر هو سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ به ڪجهه شاعري ڪيائين هن 19 ورهين جي ڄمار ۾ شعر چوڻ شروع ڪيو شاعريءَ ۾ "جعفري" سندس تخلص هو سندس ڪتابن ۾ "مثنوي مرزا صاحبان" (فارسي مثنوي)، "مختار نامه" (فارسي مثنوي)، "ديوان جعفري" (فارسي) ۽ "ديوان جعفري" (فارسي ۽ اردو) شامل آهن

مختيار انڑ

علي رضا قاضي

هن مشهور ڪهاڻيڪار جو جنم 14 اپريل 1976ع تي نوشهري فيروز جي ڳوٺ ٽيهوٽا ۾ ٿيو هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات 2006ع ۾ تعليم کاتي ۾ ليڪچرار طور ڪئي ادبي دنيا ۾ هو ڪهاڻيڪار طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو خاص طور تي مختصر ڪهاڻيون لکڻ ۾ مهارت رکي ٿو هن 2006ع ۾ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون ڪهاڻين سان گڏ تحقيقي مقالا ۽ مضمون پڻ لکندو رهيو آهي سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "ساهتيءَ جو امله هيرو - ڊاڪٽر راڄجهن پنهور"، "ڪارو شاهه 9 ڪلوميٽر"، "معذرت سان" ۽ "ڪارو شاهه جو بابو صاحب" شامل آهن

پوڪرداس ٿانورداس

اڄ سنڌ جي مشهور پبلشر پوڪرداس ٿانورداس جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو 1886ع ڌاري شڪارپور ۾ ڄائو مقامي اسڪولن مان تعليم حاصل ڪري تعليم کاتي ۾ منشي مقرر ٿيو گهٽ آمدنيءَ سبب ڪتابن جي ڇپائيءَ جو ڪم شروع ڪيائين هن سنڌي ليکڪن جا لکيل سوين ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا هن سنڌي ادبي ۽ درسي ڪتابن سان گڏ ڪيترائي ڪتاب فارسي سنسڪرت، عربي، فارسي ۽ ڪاٺياوڙي ٻولين ۾ پڻ ڇپرايا. هن شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ جا به ڪيترائي ڪتاب ڇپرايا. شروع ۾ سندس پريس شڪارپور ۾ هئي پر بعد ۾ هن انهيءَ جون شاخون حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ به قائم ڪيون هو هڪ چڱو ليکڪ پڻ هو ۽ پنهنجا به ڪيترائي ڪتاب لکيائين جن ۾ "تواريخ سنڌ" خاص ذڪر جي لائق آهي هن 14 اپريل 1934ع تي هن دنيا کي هميشه لاءِ الوداع ڪيو

ابوبڪر خان مگسي

هن ناليواري ليکڪ، صحافي ۽ سنڌيڪار جو جنم 1920ع ڌاري ڪراچيءَ ۾ ٿيو هو ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان گريجوئيٽ ٿيو ۽ گڏوگڏ سنڌ مسلم لا ڪاليج ڪراچيءَ مان قانون جي سند حاصل ڪيائين. اسڪول جي استاد طور عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪيائين ڪراچي، حيدرآباد ۽ دادوءَ جي مختلف اسڪولن ۾ پڙهايائين پر بعد ۾ استيفا ڏئي وڪالت ڪرڻ لڳو هن کي لکڻ جو شوق ننڍپڻ هوندي کان ئي هو ۽ ڪيترائي مضمون لکيائين. دادوءَ مان هفتيوار اخبار "قلندر" جاري ڪيائين جنهن جو پاڻ ئي ايڊيٽر هو. سندس لکيل ڪتابن ۾ "عربي"، "ڪنٽب"، "ذاتي ملڪيت ۽ رياست" (ترجمو) ۽ "اسلامي فلسفو ۽ تصوف" شامل آهن. هن 14 اپريل 1984ع تي دم ڏنو ۽ حوالي ڪيو

پرتاب مولچند ڏيئلداس

اڄ سنڌ ۽ هند جي مشهور ڪاروباري شخصيت ڀائي پرتاب ڏيئلداس نانواڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 13 يا 14 اپريل 1908ع تي حيدرآباد سنڌ جي هڪ مالدار هندو گهراڻي ۾ پيدا ٿيو هن جي پيءُ ڏيئلداس جو ڪاروبار سنڌ سميت جبرالٽر (جبل الطارق)، سيراليون، مصر لاس پلماس ۽ پاناما سٽيءَ تائين پکڙيل هو هن جي وڏي پاڻ نارائڻ ڏيئلداس حيدرآباد جو مشهور "ڏيئلداس ڪلب" (جنهن کي اڄڪلهه ديلداس ڪلب به سڏيو وڃي ٿو) قائم ڪيو هو پنهنجي پيءُ ۽ پاڻ جو ڪاروبار سنڀالڻ لاءِ هن مٿي ذڪر ڪيل ملڪن جا دورا ڪيا. ڪاروبار سنڀالڻ سان گڏ هن مصر جي اهرامن نيل نديءَ جي ماٿري، فلڪيات ۽ آثار قديمه جي علمن جو مطالعو ڪيو گڏوگڏ هن کي سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ ريتن رسمن سان عشق جي حد تائين محبت هئي هو پنهنجي خيراتي ۽ عام ڀلي جي ڪمن ۾ به مشهور هو هن ڊي جي ڪاليج حيدرآباد (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) ۾ پنهنجي پيءُ جي نالي سان هڪ عاليشان لائبريري قائم ڪئي ۽ ساڳئي ئي ڪاليج ۾ پنهنجي پاڻ جي ياد ۾ فزڪس ڊپارٽمينٽ جي عمارت ٺهرائي جڏهن انگريزن جي غلاميءَ کان آزاديءَ جي هلچل شروع ٿي ته ڀائي پرتاب ان ۾ به ڀرپور حصو ورتو آزاديءَ جا ڪيترائي اڳواڻ ۽ ڪارڪن روپوشيءَ واري زماني ۾ ڀائي پرتاب جي گهر ۾ اچي پناهه وٺندا هئا ورهاڱي کان پوءِ سنڌي هندن کي سنڌ ۾ پنهنجو مال ۽ ملڪيتون ڇڏي هندستان جا وڻ وسائڻا پيا ڀائي پرتاب سنڌ کان لڏي ويل ڏتڙيل سنڌين جي آبادڪاريءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هن گانڌيڌام ويجهو ڪنڊلا بندرگاهه جي تعمير ۾ به مکيه ڪردار ادا ڪيو عمر جي آخري حصي ۾ مٿس آديپور، گانڌيڌام ۽ ڪنڊلا بندرگاهه جي تعمير ۾ بد انتظاميءَ جا الزام لڳا ۽ ڪيس گرفتار ڪيو ويو پنجن سالن جي قانوني ويڙهه ڪانپوءِ ڪيس انهن الزامن کان آجو قرار ڏنو ويو پر انهن الزامن هن جوجيءَ جهوري وڌو ۽ آخرڪار 30 اپريل 1967ع تي سنڌس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو



قمرالنساء هڪڙو

قمرالنساء هڪڙو ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي مشهور اداڪاره هئي هن جو جنم 14 اپريل 1963ع تي ڳڙهي ياسين تعلقي جي ڳوٺ هڪڙا ۾ ٿيو هن مئٽرڪ ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان ڪراچيءَ مان پاس ڪيا ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان بي اي جي سند حاصل ڪئي عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ خانگي اسڪول جي ماستريائيءَ طور ڪيائين هن 1987ع کان ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي اناؤنسر صداڪار ۽ نيوز ريڊر طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ساڳئي سال پاڪستان ٽيليويزن جي سنڌي ڊرامن ۾ اداڪاري ڪرڻ شروع ڪيائين ٽيليويزن تي سندس پهرين ڊرامو آئينو هو هن ڪي ٽي اين جي ڊرامن ۾ به اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. هن 5 نومبر 2011ع تي وفات ڪئي

پڙهي سگهيو راڳ جا ابتدائي سبق استاد قدرت الله خان وٽ سکيو ريڊيو تي پروڊيوسر نثار ميمڻ جي معرفت متعارف ٿيو ريڊيو تي سندس آواز ۾ رڪارڊ ٿيل پهرئين ڪلام "مون ٿي نيڻ نه ڪڻ" مقبوليت جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا ان بعد پروڊيوسر اعجاز عليم عقيليءَ ڪيس ٽيليويزن تي متعارف ڪرايو هن جون بيشمار آڊيو ڪيسٽون پڻ رليز ٿيون ۽ هي سنڌ جي مقبول ترين فنڪارن جي صف ۾ شامل ٿي ويو هن استاد بخاريءَ جي شاعريءَ کي عوام تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ان کان علاوه علي گل سانگي، عبدالغفار تبسم، انور قمبراڻي ۽ ٻين شاعرن جي شاعريءَ کي به پنهنجي خوبصورت آواز جو روپ ڏنو آٽس هن پاڪستان کان علاوه دبئي شارجه، هندستان ۽ سعودي عرب ۾ به پنهنجا سروڪيري داد حاصل ڪيو آهي

رستم علي برڙو

رستم علي برڙو اسٽيج ڊرامن جو مشهور اداڪار ۽ هدايتڪار آهي گڏوگڏ هو هڪ سٺو موسيقار پڻ آهي ۽ بانسري، ڪلارنيٽ ۽ شرناءِ وڄائڻ ۾ ماهر آهي هن جو جنم اجوڪي ڏينهن تي 1966ع ۾ قمبر شهر ۾ ٿيو غربت سبب فقط مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪري سگهيو موسيقيءَ ۽ اداڪاريءَ سان ننڍپڻ کان ئي سندس شوق رهيو هن پنهنجي مامي احمد علي برڙيءَ ۽ ماروت اشرف علي برڙيءَ کان موسيقيءَ جا ابتدائي سبق سکيا. اڳتي هلي لاهور ۾ استاد خادم حسين کان موسيقيءَ جا راز ۽ رمزون سکيو هن جو ناهيل "رستم ميوزيڪل بينڊ" سنڌ ۽ بلوچستان ۾ گهڻو مشهور رهيو آهي موسيقيءَ سان گڏ اسٽيج ڊرامن ۾ به چڱو پاڻ موکيو آٽس هن 1988ع ۾ قمبر شهر ۾ اسٽيج ڊراما شروع ڪرايا. انهن ڊرامن ۾ هن هدايتڪار ۽ اداڪار طور ڪم ڪري مڃتا ماڻي هو رابيل ڊراميٽڪ سوسائٽي لاڙڪاڻي ۽ پٽائي ڊراميٽڪ اينڊ ويلفيئر سوسائٽي قمبر جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار پڻ رهيو آهي

هزهائينس مير محمد نصير خان ٽالپر

هزهائينس مير محمد نصير خان ٽالپر سنڌ جو آخري ٽالپر حڪمران هو هن جي ولادت 17 مئي 1804ع تي ٿي هو مير مراد علي خان ٽالپر جو فرزند هو ۽ 24 ڊسمبر 1939ع تي سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو 17 فيبروري 1843ع تي مياڻيءَ جي ميدان تي شڪست کائڻ کان پوءِ ٽالپر گهراڻي جي حڪومت جو خاتمو آيو ۽ سنڌ انگريزن جي قبضي هيٺ اچي وئي انگريز حڪمرانن مير محمد نصير خان ٽالپر سميت مير صاحبن جي خاندان کي جلاوطن ڪري پهريائين ممبئي ان کان پوءِ پوني ۽ اڳتي هلي ساسور ۽ ڪلڪتي ڏانهن موڪلي ڇڏيو مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ پنهنجي ڪتاب ياد رفتگان ۾ لکيو آهي ته مير محمد نصير خان جلاوطنيءَ

احسان بدوي

اڄ مشهور ليکڪ ۽ تعليمي ماهر پروفيسر احسان بدويءَ جي جنم جو ڏينهن آهي ساهت جي سنسار جو هي سپوت 14 اپريل 1925ع ۾ شڪارپور ۾ مشهور عالم ۽ اديب لطف الله بدويءَ جي گهر ۾ پيدا ٿيو ڪجهه حوالن ۾ هن جي جنم جي تاريخ مارچ 1926ع پڻ لکي وئي آهي هن پرائمريءَ کان وٺي ڪاليج تائين شڪارپور ۾ تعليم حاصل ڪئي ان بعد ايس ايم ڪاليج مان بي اي جي سند حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات ڪمشنر آفيس ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين اڳتي هلي سينئر ڪلارڪ مقرر ٿيو انهيءَ نوڪريءَ دوران هن اردوءَ ۽ سنڌيءَ ۾ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون مولانا غلام محمد گراميءَ لکي ٿو ته هيءُ پهريون سنڌي هو جنهن اردوءَ ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪئي اهي سندون وٺڻ بعد ڪلارڪ جي نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي ڪاليج ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ عمر جا آخري 15 سال استاد جي حيثيت سان قوم جي خدمت ڪيائين ادبي حوالي سان هو هڪ بهترين شاعر ۽ نثرنويس هو سندس لکڻيون ان وقت جي ساک وارن رسالن ۾ ڇپيون هن جي لکيل ڪتابن ۾ "تنقيد ۽ تنقيد نگاري"، "ڏان ويسٽ"، "انقلاب جو فلسفو" ۽ "منتخب ڪلام سانگي" شامل آهن هي انمول انسان 22 نومبر 1965ع تي اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو



منظور سخيراڻي

اڄ سنڌ جي مشهور راڳيءَ منظور سخيراڻيءَ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي هن ناليواري راڳيءَ 14 اپريل 1959ع تي دادو شهر ۾ اکيون کوليون مئٽرڪ تائين تعليم دادوءَ ۾ ئي حاصل ڪيائين ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ جو جنون هئس انڪري مئٽرڪ کان وڌيڪ نه

ڪورٽ نوٽيس

عام اطلاع

بقايا 40 سڙي زخمي

رهواسي ګڏ ٿي ويا ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه وسائڻ جي ڪوششون شروع ڪيون. ان دوران فائر بريگيڊ کي به اطلاع ڏنو ويو جنهن تي فائر بريگيڊ جو عملو پهچي ويو ۽ باهه تي ضابطو آڻدي پر وين مڪمل طور سڙي خاڪ ٿي وئي باهه سبب پرسان بيٺل هڪ ڪار کي به نقصان پهتو جڏهن ته باهه وسائڻ دوران وين جو ڊرائيور معمولي سڙي زخمي ٿي پيو. پوليس موجب وين گهٽي ۾ بيٺل هئي ۽ ان ۾ اسڪول جا ٻار موجود نه هئا. جڏهن ته باهه لڳڻ جو سبب فوري طور معلوم نه ٿي سگهيو آهي

آفيس آف دي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ
عباسي شهيد اسپتال ڪي. ايم. سي.

No. MS/ASH/ESTT/672/2026 Dated. 09/04/2026

اشتهار

عباسي شهيد اسپتال ڪراچي ڪي. ايم. سي. ۾ پيڊ هائوس آفيسر جي عهدي لاءِ KM&DC جي گريجوئيٽس ڪان جي رهواسين ڪان جن وٽ M.B.B.S جي قابليت آهي، درخواستون گهرائي ٿي.

درخواستون وصول ڪرڻ جي آخري تاريخ 16 اپريل 2026 آهي. انٽرويو 18 اپريل 2026 تي صبح جو 10:00 وڳي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ جي آفيس، عباسي شهيد اسپتال ڪي. ايم. سي ۾ ورتو ويندو

مڪمل درخواست 01 پلاسٽڪ ڪور فائل ۾ هيٺ ڏنل دستاويزن جي 03 تصديق ٿيل ڪاپين سان گڏ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ جي آفيس، عباسي شهيد اسپتال ڪي. ايم. سي. ۾ جمع ڪرائي وڃي:

1. M.B.B.S / B.D.S ڊگري / پروويزنل سرٽيفڪيٽ.
2. M.B.B.S / B.D.S فائنل ييئر مارڪس شيٽ.
3. P.M.D.C رجسٽريشن.
4. ڊوميسائل سرٽيفڪيٽ.
5. ميٽرڪ سرٽيفڪيٽ.
6. سڃاڻپ ڪارڊ .(C.N.I.C).
7. ٽي تازيون تصويرون.

نوٽ: ماهوار وظيفو ـ/45,000 روپيا (پنجيتاليهه هزار پنج سئو روپيا فقط) ڏنو ويندو

انٽرويوءَ ۾ شرڪت لاءِ ڪو به ٽي.اي / ڊي.اي نه ڏنو ويندو.

ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ
عباسي شهيد اسپتال
ڪي. ايم. سي.
سينيئر ڊائريڪٽر (ميڊيا مينيجمينٽ)
ڪي. ايم. سي.
نوٽيس بورڊ، ASH

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT INF/MM/149/2026

پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ
URAAN PAKISTAN
(Wholly owned subsidiary of State Bank of Pakistan)

آڇون گهرائڻ ٽيون

(هڪ مرحلي تي- هڪ لفافي طريقيڪار)

پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ (PSPC) معروف مينوفيڪچررز/سپلائرز کان انهن جون آڇون جمع ڪرائڻ جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل فراهميءَ جي لاءِ F.O.B جي بنيادن تي دعوت ڏئي ٿي.

Tender No.	Bid Doc. Submission	Bid Opening Date & Time	Earnest Money	Description of Job / Items	Qty
FP/T-0021	14-05-2026 11:00 A.M.	14-05-2026 11:30 A.M.	PKR 35,000/- (Fixed) or equivalent in foreign Currency	Hiring of Services for ID-1 Testing (As per BOQ)	01 No.

تصريحات/ بي او ڪيو/ تفصيل لاڳاپيل دستاويزن سان گڏ لڳل هئڻ گهرجن.

- آڇون اي پيڊس ذريعي شرڪت جي خواهشمند واڪ ڏيندڙن جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون. شرطيا/اڻپورا واڪ دستاويز غور هيٺ نه آندا ويندا. بيا شرط ۽ ضابطا ٽينڊر دستاويز جي مطابق هوندا.
- تفصيلي ٽينڊر اشتهار پيرا جي ويب سائيٽ www.ppra.org.pk تي دستياب آهي مڪمل ٽينڊر دستاويز پي ايس پي سي جي ويب سائيٽ www.pspc.gov.pk تي موجود آهن. جڏهن ته مڪمل ٽينڊر دستاويز جنهن ۾ اسائنمينٽ ۽ بيا شرط ۽ ضابطا تفصيلي وضاحت سان گڏ EPADS ويب سائيٽ www.eprocure.gov.pk تي موجود آهن.
- ٽينڊر دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن جي مطابق تيار ڪيل اليڪٽرانڪ آڇون مٿي ڄاڻايل وقت ۽ تاريخ تائين EPADS ذريعي لازمي جمع ڪيون وينديون. هٿوهٿ ڏنل آڇون قبول نه ڪيون وينديون. اِي-آچ کي مقرر وقت ۽ تاريخ تي EPADS ذريعي کوليو ويندو.

ڊپٽي جنرل مينيجر، پرچيز ڊپارٽمينٽ، پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ
جناح ايونيو مليرهالٽ، ڪراچي 75100- فون :021-99248511 (ايڪسٽينشن 19-2202) / www.pspc.gov.pk

PID K-3260/2

خيرپور جي مختلف علائقن ۾ رولو ڪتن 25 ڄڻن کي ڏاڍهي زخمي ڪري ڇڏيو

زخمين سليم، اڪرم، سيد عباس زيدي، عبدالمالڪ، عالم، وسيم، مسمات جميلا ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

شهر ۽ پرپاسي ڪتا مار مهم شروع ڪري رهواسين ۾ پيدا ٿيل خوف جو خاتمون آندو وڃي: رهواسي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي مختلف علائقن ڪاليج ڪالوني، شهيد آباد، عابد ڪالوني، بجلي شاهه، ڳاڙهي پل، فيض آباد ۽ ٻين علائقن ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو آهي رولو ڪتن ٻن ڏينهن اندر 25 ڄڻن کي ڏاڍهي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

رانيپور: فوت ٿيل نوجوان جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

رانيپور واسي گهروارٿبڊٽ تان زهر پي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو

جوڳي محلا واسي 35 ورهين جي حميد جوڳي انتهائي قدم کنيو

ڪيس وارث ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال کڻائي پهتا جتي دم ڏئي حوالي ڪيو

رانيپور(ن ع) راني پور جي جوڳي محلا جو رهواسي اسرا اسڪول سسٽم رانيپور جو ملازم 35 ورهين جو حميد جوڳي مبينا طور گهرو اٿبڊٽ کان تنگ اچي زهريلي دوا پي پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو.اهڙي واقعي جو اطلاع ملڻ تي سندن گهرڀاتين ۽ ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ ڪيس ڳڻتي جوڳي حالت ۾ راني پور رورل هيلٿ سينٽر پهچايو جتي هن دم ڏئي حوالي ڪيو جنهن بعد اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد مرحوم جو مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪي سندن جون آخري رسمون ادا ڪرڻ لاءِ آبائي ڳوٺ ڪڻائي آيا. واقعي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر عورت سخت زخمي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل

خيرپور(ڊ ر)خيرپور لڳ ڪنڊومستي پرسان تيز رفتار ٽرالر جو موٽر سائيڪل سوارن کي ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل تي سوار عورت لال خاتون سومرو سخت زخمي ٿي جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي هن جو علاج جاري آهي

ٺٽون ڪوٽ: زخمين کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني وڃي رهي

اسلام آباد: ناريون مٿي تي ڪاٺين ۽ گاهه کڻي وڃي رهيون آهن

ٺٽون ڪوٽ ويجهو معمولي جهيڙي بعد ڏاڏ مڙس زهر پي ڇڏيون اسپتال منتقل

ڳوٺ فضل پنهيرو ۾ پريم ڀيل ۽ سندس زال پارسا ڀيل گهر اندر موجود زرعي دوا پيئي

کين فوري طور تي صحت مرڪز آندو ويو جتي ڊاڪٽرن سندن حياتيون بچائي ورتيون

ٺٽون ڪوٽ (ن ع) ڳوٺ فضل پنهيرو جي رهواسي پريم ڀيل ۽ سندس زال پارسا ڀيل گهر اندر موجود زرعي دوا پي ڇڏي، جنهن بعد ٻنهي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٿي وئي، وارثن موجب زال مڙس وچ ۾ معمولي ڳالهه ... ڪانئي وارثن فوري طور تي ٻنهي کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ صحت مرڪز ٺٽون ڪوٽ منتقل ڪيس جتي ڊاڪٽرن بروقت ڪارروائي ڪندي ٽلڪين وسيلي سندن پيٽ مان زهريلي دوا ڪڍي سندن حياتيون

خيرپورناٿن شاهه واسي فوجي جوان گوادر ۾ دهشتگردن سان مقابلي ڪندي شهيد

ڳوٺ ماڇو خان چانڊيو جو رهواسي فوجي جوان محمد افضل چانڊيو شهادت ماڻي

شهيد جو مڙهه آندو ويو، پٽ وطن جي دفاع لاءِ شهادت ماڻي آهي اهو وڏو اعزاز آهي: والد

خيرپورناٿن شاهه (ن ع) خيرپورناٿن شاهه جي ڳوٺ ماڇو خان چانڊيو جو رهواسي فوجي جوان محمد افضل چانڊيو بلوچستان جي علائقي گوادر ۾ ڊيوٽي دوران وطن جو دفاع ڪندي دهشتگردن سان مقابلي ۾ شهيد ٿي ويو،ان سلسلي ۾ شهيد جي والد علي محمد چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته اسان کي فون آيو ته توهان جو فرزند محمد افضل دهشتگردن سان مقابلي دوران شهيد ٿي ويو آهي ،جنهن جو مڙهه بلوچستان مان خيرپورناٿن شاهه آندو ويندو،هن اهو به چيو ته پٽ وطن جي دفاع لاءِ شهادت ماڻي آهي اهو وڏو اعزاز

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪنڊو مستي پوليس پاران مقابلي بعد ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي علائقي ڪنڊو مستي ۾ پوليس ۽ ڌوهاري ٽولي وچ ۾ مقابلو ٿيو، فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. گرفتار ٿيل زخمي ڌوهاري جي سڃاڻپ غلام مرتضيٰ اجن جي نالي سان ٿي آهي، جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جن جي گرفتاري لاءِ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

هوسڙي پوليس پاران مبينا مقابلي ۾ جوابدار کي ماري منشيات ۽ هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

بوڙا موري وٽ مقابلي دوران آئس ڊيلر شاهد عرف مصري ولد رحيم سولنگي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

جوابدار کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هن زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

جوابدار ڪيسن ۾ گهربل هو ۽ قبضي مان غير قانوني پسٽل ۽ ڪرسٽل آئس برآمد ڪئي آهي

هوسڙي (رپورٽ مختيار علي رڪو) هوسڙي پوليس بدنام زمانہ منشيات فروش (آئس ڊيلر) کي مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو پسٽل ۽ آئيس برآمد. زخمي جوابدار اسپتال ۾ فوت ايس ايڇ او

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

متياري ويجهو ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر سبب عورت فوت، هڪ ڄڻو مرڻينگ

قومي شاهراهه تي ايڪسائيز پوليس چيڪ پوسٽ وٽ حادثي ۾ 35 ورهين جي فوزيہ چنا ٿڏي تي دم ڏنو

لاش ۽ حادثي ۾ زخمي معشوق ميمڻ کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ پوليس سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو آهي، ڊرائيور کي تحويل ۾ جاچ شروع ڪئي آهي: پوليس

متياري (ڊ ر)متياري ويجهو قومي شاهراهه تي ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر هڪ عورت فوت هڪ ڄڻو ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال منتقل خبر موجب متياري ويجهو قومي شاهراهه تي ايڪسائيز پوليس

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

پکورو: زخمي نينگر جو اسپتال ۾ علاج ڪيو پيو وڃي

پکورو ويجهو خاصخيلي ۽ منگريا برادري ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو زخمي

ڳوٺ ترڪو منگريو ۾ جهنگ کي باهه لڳڻ تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

فائرنگ سبب زخمي 15 ورهين جو جابر پٽ ملوڪ منگريو کي اسپتال آندو ويو

پکورو (ن . ع) پکورو ويجهو ڳوٺ ترڪو منگريو ۾ خاصخيلي ۽ منگريا برادري ۾ جهيڙو گولي لڳڻ سبب هڪ ڄڻو زخمي. پکورو لڳ ڳوٺ ترڪو منگريو ۾ جهنگ کي باهه لڳڻ تي منگريا ۽ خاصخيلي برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران فائرنگ ٿيڻ سبب اسڪولي شاگرد 15 ساله جابر پٽ ملوڪ منگريو ٻانهن ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو زخمي کي تعلقي اسپتال پکورو منتقل ڪيو ويو جهيڙو ڪندڙ ٻنهي ڌرين ۾ اڳ ۾ پاڻي جي معاملي تان تڪرار هلندڙ هيو جنهن تي منگريا برادري جي ڌر جو چوڻ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

مورو لڳ جانورن جي اسپتال مان چور تالا ٽوڙي قيمتي سامان ڀڃاري ويا

مورو (ن ع)مورو لڳ ڳوٺ ڏيرڻ ۾ قائم جانورن جي اسپتال مان رات جي اونداهي ۾ نامعلوم چور اسپتال جي گيٽ جا تالا ٽوڙي قيمتي سامان فرنيچر سميت ٻيو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا ان موقعي تي اسپتال جي موجوده ڊيوٽي ونتري ڊاڪٽر امير بخش سوهو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪجهه وقت پهريان به اسپتال مان چوري ٿي هئي جنهن جي رپورٽ حد جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ميرپور خاص: شاگرديائي جي موت واري واقعي خلاف شاگرد احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊي ۾ ميرپور خاص جي شاگرديائي جي افسوسناڪ موت واري واقعي خلاف مظاهرو

سنڌ ايگريڪلچر ايمپلائيز فورم جي اڳواڻن پبلڪ پارڪ مڪلي کان احتجاجي ريلي ڪڍي

شاگرديائي فهميده لغاري ڪيس ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي فوري گرفتاري ڪيو وڃي: مظاهرو

ٺٽو(ڊ ر) سنڌ ايگريڪلچر ايمپلائيز فورم ٺٽي سجاول جي اڳواڻن عاقب لغاري شريف رند اسلم جماري ممتاز شيخ ڪامران آرائين ممتاز بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پبلڪ پارڪ مڪلي کان نيشنل پريس ڪلب ٺٽو تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو ۽ سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاج ۾ گريڊيڊ آفيسرز ايسوسيئيشن جي اڳواڻ محمد حسن سومرو ۽ ٻيا به شامل ٿي ويا احتجاج ڪندڙ زرعي دوائن جي مختلف ڪمپنين جي ملازمن جي هٿن ۾ بينر ۽ پمفليٽ هئا جيڪي "فهميده لغاري سان انصاف ڪريو ظالم جوابدار گرفتار ڪريو

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان هٿياربند شهري کان روڪ رقم ۽ سامان ڦري فرار ٿي ويا

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ قومي شاهراهه تي ايز ايل سي پرسان هٿياربند موٽر سائيڪل سوار شهري کان 60 هزار روپيا روڪ رقم ۽ ٻيا سامان ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا پنجهٽي واسي راحيل جماڻي ٽيوٽي کان شهر طرف اچي رهيو ته موٽر سوار ٻن هٿيارٻندن ڪيس روڪي هٿيارن جي زور تي 60 هزار روپيا روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا متاثر شهريءَ آئي جي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪوئيٽا: هڪ گهوڙيو روڊ ڪناري ڏيکيون ۽ ڀنڊيون وڪرو ڪري رهيو آهي

ڊي جي ايڇ ڊي اي جو پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڪنٽرول شعبي جو دورو

ڊاڪٽر افشان رباب سيد آفيسرن ۽ اسٽاف سان ملاقاتون ڪيون، فيسليٽيشن سينٽر ٻڻ ڏٺو

سيد ناصر شاهه جي هدايت آهي ته پلاٽن جي ٽرانسفر ۽ خريد بابت سمورا معاملا هڪ ڇت هيٺ حل ڪريو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) صوبائي وزير سيد ناصر شاهه جي هدايت تي ڊائريڪٽر جنرل ايڇ ڊي اي ڊاڪٽر افشان رباب سيد اٿارٽي جي اهم شعبي پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڪنٽرول جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ آفيسرن ۽ اسٽاف سان ملاقات ڪئي ان موقعي تي سيڪريٽري ايڇ ڊي اي ۽ ٻيا آفيسر موجود

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪورواهه ويجهو معصوم نينگري تلاءَ ۾ ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ سليمان رند ۾ چار ورهين جي سدوري ڌي ممتاز رند ٻڏي وئي

وارث ٻارڙي کي کڻي اسپتال پهتا ته ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي

ڪورواهه(رپورٽ غلام علي مغل) ڪورواهه ويجهو ڳوٺ سليمان رند ۾ چئن سالن جي ٻارڙي سدوري ڌي ممتاز رند گهر ويجهو تلاءَ ۾ ٻڏي فوت ٿي وئي سندس والد ممتاز جو چوڻ آهي ته اسان کي خبرئي ڪون پيئي ته ننڍڙي گهر کان نڪري تلاءَ هلي وئي جتي تلاءَ ۾ ڪري پيئي ۽ ٻڏي فوت ٿي وئي ننڍڙي سدوري کي وارث ڪڻائي اسپتال پهتا جتي مقامي ڊاڪٽر ان جي موت جي تصديق ڪري ڇڏي معصوم نينگري جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو آهي

سرهاڙي ۾ مگسي ۽ مشوري برادري جي ٻن ڌرين جهيڙو، 8 ڄڻا زخمي

ريلوي ڦاٽڪ پرسان ٻڪرين جي ڏيتي ليتي تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

شعبان، گلزار، آصف، امير، شمن، صالح مشوري ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

شهدادپور(ن ع) سرهاڙي شهر ۾ ريلوي ڦاٽڪ پرسان مگسي ۽ مشوري برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ ٻڪرين جي ڏيتي ليتي تان جهيڙو جنهن دوران لٺين ڪهاڙين ۽ فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ شعبان مشوري، گلزار مشوري، آصف مشوري، امير مشوري، شمن مشوري،صالح مشوري ۽ ٻي ڌر جا حيدار مگسي ۽ بڪو مگسي شامل آهن زخمين کي فوري طور سرهاڙي پوليس ليکر ڏئي سرهاڙي رورل هيلٿ سينٽر آندو ويو جتي کين ابتدائي طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ شهدادپور اسپتال

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هوسڙي جا رهواسي ٻارڙن سميت پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور ۾ ڪڻڪ جو بمپر فصل لهڻ باوجود خوراڪ کاتي پاران خريداري مرڪز نه کوليا

پهرين اپريل کان ڪڻڪ جي خريداري شروع ٿيڻي هئي پر اڃا تائين فوڊ انسپيڪٽر ئي مقرر نه ٿيا

سنڌ بينڪ پاران باردانو لاءِ موڪليل ميسيج واري هنڌ پهچڻ تا ته گودام بند فوڊ انسپيڪٽر غائب هوندو آهي: آبادگار

ڊفالٽر فوڊ انسپيڪٽرن کي هٽائي خريداري مرڪز جلد کولي کي نقصان کان بچايو وڃي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ ڪڻڪ جو بمپر فصل مارڪيٽ ۾ اچڻ باوجود خوراڪ کاتي طرفان ڪڻڪ جي خريداري جا مرڪز نه کوليا ويا خوراڪ کاتي اعلان ڪيو هو ته پهرين اپريل کان ڪڻڪ جي خريداري شروع

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

متياري: هٿ اپل لاش وارقعي واري هنڌ پيل آهي

پيپلز پارٽي سينئر اڳواڻ غلام قادر مري جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

صوبائي وزير شرجيل ميمڻ جي فرزند راول شرجيل، ڊائريڪٽر آپريشنز ڪراچي امتياز پنهور ۽ ٻين ڏک ونڊيو

نور احمد ڪيهر، عمير مولا بخش چانڊيو شائي آرائين سميت مختلف ماڻهن پڻ تعزيت ڪئي

ٽنڊوالهيار(ن ع) صدر پاڪستان آصف علي زرداري جي ويجهي دوست پيپلز پارٽي سينئر اڳواڻ غلام قادر مري جي وفات تي ڳوٺ دريا خان مري ۾ سندس پاڻن ... سلسلو جاري آهي انهي سلسلي ۾ گذريل ڏينهن سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي فرزند راول شرجيل ميمڻ . ڊائريڪٽر آپريشنز ڪراچي امتياز پنهور ۽

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو الهيار: پ پ اڳواڻ راول شرجيل ميمڻ غلام قادر مري جي پوٽيئن سان تعزيت ڪري رهيا آهن

اي سي کيرو پاران واڏو پاڙا وينڊز 9 مسافر گاڏين کي چالان ڪري ڏنڊ وصول ڪيو

ڪيرو(ن ع) ٽرانسپورٽرن پاران وڌيڪ ڀاڙا وٺڻ ۽ مسافرن کي ڇت تي ويهاري سفر ڪرڻ بابت شڪايتن جو اسسٽنٽ ڪمشنر ڪيرو عبدالغفار لاکير نوٽيس وٺي پوليس ۽ ٽريفڪ پوليس سان گڏجي ڪيرو ميرپورخاص ۽ ڪيرو سانگهڙ روڊ تي هلندڙ مسافر گاڏين پاران واڌو ڀاڙا ۽ گنجائش کان وڌيڪ ۽ ڇت تي مسافرن کي ويهارڻ تي 9

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ سينئر صحافي جي گهر تي حملي ۽ 16 ڄاتين تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف مظاهرو ڌرڻو

صحافي قاضي شمس ڀائيڻ جي گهر تي حملو ڪري ٻارڙن، ڀائرن، ڀينرن کي زخمي ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيا

مويا پوليس بااثرن جي ونگار وهندي صحافي جي خاندان جي زخمين سميت 16 ڄڻن تي ڪيس داخل ڪيو

بااثر سياسي ڌر جي چوڻ تي داخل ڪرايل ايف آءِ آر فوري واپس وٺي صحافي سان انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

ٽنڊو محمد خان) رپورٽ: ذوالفقار چانڊيو (ٽنڊو محمد خان ۾ صحافين سينئر صحافي قاضي شمس ڀائيڻ جي گهر تي هٿيارٻندن جي ڪيل حملي ۾ سندس معصوم ٻارن ، ڀائرن ، ڀينرن کي زخمي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ميونسپل ملازم سليمان خاصخيلي لاڏاڻو ڪري ويو

مقتول پگهار بند ۽ گهر کان محروم ٿيڻ بعد ذهني عذاب جو شڪار ٿيو

مرحوم کي سياسي انتقامي ڪارروائي سبب پريشاني ڪيو ويو: وارث

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ميونسپل ڪميٽي ملازم سليمان خاصخيلي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو ڪيتري ئي عرصي کان سياسي انتقامي ڪارروائي سبب پگهار بند ۽ سرڪاري گهر کان محروم ٿيڻ بعد ذهني عذاب جو شڪار رهندڙ سليمان خاصخيلي آخر زندگي جي جنگ هارائي ويو ڪيس سوين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو هوڏانهن سندس جنازي نماز ۾ سياسي سماجي ڌرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سندس وارثن موجب ته سليمان خاصخيلي ڪافي وقت کان پگهار بند هجڻ ۽

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ شاگرديائي وڻڪاري مهم دوران ٻوٽو پوکي رهي آهي

ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران خيرپور جي استاد محمد بخش چنا کي ساليانو 60 هزار روپين جو وظيفو جاري

خيرپور(ڊ ر) خيرپور: سنڌ حڪومت جي ثقافت ۽ سياحت کاتي طرفان صوبي جي ثقافتي ورثي جي تحفظ ۽ واڌاري لاءِ اهم قدم کڻندي لوڪ موسيقي جي مڃيل فنڪار 130 ورهين جي عمر رکندڙ استاد محمد بخش چنا کي ساليانو 60 هزار روپين جو وظيفو جاري ڪيو ويو آهي صوبائي وزير ثقافت سيد ذوالفقار علي شاهه سيڪريٽري ثقافت خير محمد ڪلوڙ ۽

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

مسوريڳڙي: پورهيت مزاحمت تحريڪ پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

شهدادپور: زخمين کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

قاضي احمد لڳ اغوا ٿيل 5 گهرڀاتين کي پوليس پاران بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ

رانجهو ميراڻي ڌيءَ فوزيہ ۽ سندس چار ٻارن جي اغوا جو ڪيس داخل ڪرايو هو: پوليس

ڳجهي اطلاع تي ڇاپو هڻي جوابدار سجاد ميراڻي کي گرفتار ڪري مغوين کي بازياب ڪرايو آهي

قاضي احمد(ن ع) قاضي احمد لڳ مشاخ مان مبينا اغوا ٿيل 5 گهرڀاتين کي قاضي احمد پوليس بازياب ڪرائي مک جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي ورتو 5 ڏينهن اڳ رانجهو ميراڻي قاضي احمد پوليس ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ڪرائي هئي ته جوابدار سجاد ميراڻي ويٺل ڪراچي صوبي کان منهنجي بيوه ڌي فوزيہ ميراڻي جو سڱ گهريو منهنجي انڪار تي منهنجي گهر تي ٻن نامعلوم هٿيارٻندن سان گڏ داخل ٿي منهنجي بيوه ڌي 35 سال فوزيہ سندس چار ٻار 10سال آسيه 7 سال وقار احمد 5 سال ماريہ ۽ 2سال آيت ميراڻي کي اغوا

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد پاران 7 ڏينهن واري پوليو کان بچاءَ مهم جو افتتاح ڪيو

گيٽس فائونڊيشن جي نمائندي افتتاحي تقريب ۾ شرڪت ڪري مهم جو جائزو ورتو

مهم جي موثر عملدرآمد لاءِ فيلڊ ٽيمن کي متحرڪ ڪرڻ تي زور ڏنو پيو وڃي: ڊي سي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنرحيدرآباد زين العابدين ميمڻ سي ڊي ايف اسپتال حيدرآباد ۾ 7 ڏينهن واري پوليو کان بچاءَ مهم جو باقاعده افتتاح ڪيو ـ ان موقعي تي بل گيٽس فائونڊيشن ... جائزو ورتو ـ عالمي ميسرمائيڪل گيلوي حيدرآباد ۾ پوليو مهم بابت ترتيب ڏنل منصوبہ بندي ۽ تيارين کي ساراهيو ۽ هن انڪاري، غير حاضر ۽ مسڊ ڪيسن جي رپورٽنگ کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ويجهو گهريلو پريشاني سبب ڇئن ٻارن جي ماءُ زهريلي دوا پي آپگهات ڪري ڇڏيو

ميهڙ(ن ع) ڳاجي کهاوڙ ويجهو واقع ڳوٺ لعل بخش کوسو ۾ گهريلو پريشاني سبب ڇئن ٻارن جي ماءُ ليلا زال حبدار کوسو مبينا زهريلي دوا پي پنهنجي زندگي ڏيئو اجهائي ڇڏيو.

سکر: جيئي شاهه ڪالوني ۾ گٽرن جي صفائي ڪئي پئي وڃي

سنڌ جي هر کاتي ۾ ميرٽ بدران نااهل ماڻهن کي رشوت عيوض ڀرتي ڪيا ويا آهن: اياز لطيف

سنڌو درياهه تي ڪو به نئون ڪئنال ۽ ڊيم قبول ناهي، سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي ڏنو وڃي

آئي ايم ايف جي شرطن تي جوڙيل معاشي پاليسيون حڪمران ۽ سرمائيدار طبقي جي مفادن واريون آهن

سنڌ حڪومت جي پاليسين جي ڪري پورهيت طبقي جي زندگي ۾ بهتري يا سڌارو اچڻ بدران بدحالي آئي آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو سان سنڌ لا آفيس ۾ جي ڊي اي جي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر صفدر عباسي جي ملاقات ڪئي سنڌو درياهه تي ڊاڙي، ڪارپوريٽ فارمنگ، مهانگائي، بيروزگاري، بدامني ۽ ملڪ جي موجوده سياسي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

پاڪ فوج ۽ رٽائرڊ جوانن جون قربانيون ناقابل فراموش آهن: رياض شاهه شيرازي

رٽائرڊ سپاهي پنهنجي تجربي، نظم و ضبط ۽ حب الوطني ذريعي مثبت ڪردار ادا ڪن پيا

صوبائي وزير ٺٽي ۾ رٽائرڊ فوجي جوانن جي وفد سان ملاقات ڪري سهڪار جو يقين ڏياريو

ٺٽو (ڊ ر) اوقاف ۽ مذهبي معاملن، زڪوات ۽ عشر واري صوبائي وزير سيد رياض شاهه شيرازي چيو آهي ته ملڪ تي جڏهن به ڏکيائي پيش آئي آهي ته رٽائرڊ سپاهي ۽ هر مشڪل ۾ قوم جو ساٿ ڏيندا رهندا. اهڙن خيالن جو اظهار هن ٺٽي ۾ رٽائرڊ فوجي جوانن جي وفد سان ملاقات دوران ڪيو ان موقعي تي هن چيو ته پاڪ فوج ۽

ڪيرو واسي حر جماعت جي معزز ۽ سماجي اڳواڻ محمد ملوڪ راڄڙ لاڏاڻو ڪري ويو

سنڌ جو عوام هميشه مظلومن جو حامي ۽ جارحيت جو مخالف رهيو آهي: ڊاڪٽر قادر

ايران هن وقت هڪ قوم طور متحد ٿي پنهنجي وطن ۽ وجود جي جنگ وڙهي رهيو آهي

پ پ پ سميت حڪمران ٽريون جاگيردارن، وڏيرن ۽ سرمائيدارن کي مضبوط ڪري رهيون آهن

سنڌ ترقي پسند پارٽي سنڌ جي حقن، وسيلن ۽ خوشحالي لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي: سينٽر ڪميٽي اجلاس کي خطاب

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سينٽرل ڪميٽي جو اجلاس پارٽي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ چامر عبدالفتاح سميجو انجنيئر گلزار سومرو

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

عوامي شڪايتن جو وقت سر ازالو سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: سليم بلوچ

وڏي وزير جي خاص مددگار پبلڪ ڪمپلينٽ سيل ۾ ٽيليفون تي شهرين جا مسئلا ٻڌا

ٽيليفونڪ رابطن ذريعي صوبي جي عوام کي فوري رليف فراهم ڪيو پيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ٻهراڙي ترقي واري کاتي لاءِ سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار محمد سليم بلوچ، وڏي وزير جي هائوس ۾ قائم چيف منسٽر پبلڪ ڪمپليننٽ سيل ۾ عوامي شڪايتن جي فوري حل لاءِ ٽيليفونڪ رابطن ذريعي سڌي ريت نگراني ... حل لاءِ حڪم جاري ڪيا.هن شهرين پاران موصول ٿيندڙ مختلف نوعيت جي شڪايتن کي ٻڌو ۽ لاڳاپيل کاتن کي فوري طور تي مسئلن جي حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار محمد سليم بلوچ چيو ته عوام جي شڪايتن جو وقت سر ازالو سنڌ حڪومت جي اولين

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران 12 ضلعي سيشن ۽ ايڊيشنل سيشن ججز جون بدليون ۽ مقرريون، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ماتحت عدالتن جي 12 ضلعي سيشن ۽ ايڊيشنل سيشن ججز جون بدلين ۽ مقررين جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان جاري ڪيل

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5